ABC Certified
REG NO. 3833
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) اربع 08 نومبر 2023 ع بمطابق 23 ربيع الثاني 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 162

ن ليگ ۽ ايم ڪيو ايم پاران گڏجي عام چونڊون وڙهڻ جو اعلان

گڏيل ڪميٽي ۾ ٻنهي جماعتن جا 3_3 ميمبر شامل هوندا، خالد مقبول صديقي جي اڳواڻي ۾ ايم ڪيو ايم جي وفد نون ليگ جي مرڪزي سيڪريٽريٽ پهچي نوازشريف ۽ ٻين اڳواڻن سان ملاقات ڪئي

اهو طئي ٿيو آهي ته ٻئي جماعتون 8 فيبروري تي عام چونڊن ۾ گڏجي حصو وٺنديون، جي يو آءِ، فنڪشنل ليگ ۽ ٻيون جماعتون به اڳتي هلي اسان سان ملي سگهن ٿيون : خواجه سعد رفيق

عام چونڊن ۾ 2013 واري پوزيشن تي واپس اينداسين، 2013 ۾ ايم ڪيو ايم 20 قومي سيٽن مان 17 سيٽون حاصل ڪيون هيون : مصطفيٰ ڪمال

نوازشريف کي هر قسم جا مسئلا حل ڪرڻ جو تجربو آهي، ايم ڪيو ايم نون ليگ سان چونڊ اتحاد وزارتن لاءِ نه پر عوامي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪري رهيا آهيون

ڪراچي کير ڏيندڙ ڳئون آهي ان کي چارو به ته کارايو وڃي، ماضي کي وساري قومي اتفاق راءِ ۽ قومي سياست ڪرڻ جي ضرورت آهي : فاروق ستار

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ نون ۽ ايم ڪيو ايم پاران 8 فيبروري تي عام چونڊون گڏجي وڙهڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي، چونڊن بابت گڏيل حڪمت عملي جوڙڻ لاءِ 6 رڪني ڪميٽي ناهڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، گڏيل ڪميٽي ۾ ٻنهي جماعتن جا 3_3 ميمبر شامل هوندا، خالد مقبول صديقي جي اڳواڻي ۾ ايم ڪيو ايم جي وفد نون ليگ جي مرڪزي سيڪريٽريٽ پهچي نوازشريف ۽ ٻين اڳواڻن سان ملاقات ڪئي، ملاقات بعد گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي نون ليگ جي اڳواڻ خواجا سعد رفيق چيو ته اهو طئي ٿيو آهي ته ٻئي جماعتون 8 فيبروري تي عام چونڊن ۾ گڏجي حصو وٺنديون، خواجا سعد رفيق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: ن ليگ سربراهه ميان نواز شريف ايم ڪيو ايم اڳواڻ خالد مقبول صديقي سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي

پنجاب ۾ جمعي
کان آچر تائين
موڪل جو اعلان

لاهور (م ڊ) پنجاب جي نگران حڪومت سموگ کي ڏسندي جمعي تي لاهور سميت پنجاب جي مختلف ضلعن ۾ موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو سموگ لاهور کي دنيا جو گدلو ترين شهر بڻائي ڇڏيو پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي 10 نومبر جمعي تي لاهور ڊويزن جي سيني ضلعن، گوجرانوالا، وزيرآباد ۽ حافظ آباد جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اسان ملڪ جي فائدي جي ڳالهه ڪئي آهي، افغاني واپس ته وڃن پراتي آهي ڇا؟ آصف زرداري

دوستن ۽ دشمنن کي پيغام ڏيڻ چاهيان ٿو ته گذريل حڪومت خلاف عمران خان خلاف تحريڪ ان ڪري شروع نه ته اسان اقتدار چاهيون ٿا

اسان کي عوام جي ترقي ۽ ملڪ جي ترقي جي ضرورت آهي، انهن کان ملڪ ترقي نه پئي ٿي، مان 8 سالن کان ڏسي رهيو هوس ۽ انهن کي ڪجهه به نه ٿي رهيو هو، انهن ڪم ڪرڻ نه ايندو هو نه ٿي ڪرائڻ ايندو هو

18 هين ترميم ڪانپوءِ اسان وٽ ڪجهه گنجائش موجود آهي جنهن تحت اسان اختيارن ۽ وسيلن کي استعمال ڪندي ترقياتي ڪم ڪري سگهون ٿا

اسان جي سوچ ايتري آهي جو اسان سڀ ڪجهه ڪري سگهون ٿا، اسان صرف سمنڊ جي صفائي ڪري 6.5 ارب رپيا ڪمائي سگهون ٿا

سمنڊ ۾ جيڪو ڪچرو پيو ٿو ان کي ٻين علائقن تائين پهچائي سگهون ٿا، ان مان پاڻ به ٺاهي آهي، جيڪا تمام مهانگي ٿي وئي آهي : گهوٽڪي ۾ پيپلز پارٽي جي جلسي کي خطاب

گهوٽڪي (رپورٽر) اڳوڻو صدر آصف علي زرداري خانڳڙهه ۾ علي گوهر خان مهر جي دعوت تي خانڳڙهه پهچي ويو آصف علي زرداري هيليڪاپٽر ذريعي خانڳڙهه جي گوهر پيلس پهتو علي گوهر خان مهر، محمد بخش خان مهر علي نواز عرف راجا خان مهر، حاجي خان مهر، بنگل خان مهر ۽ ٻين پاران آصف علي زرداري جو استقبال ڪيو جلسي ۾ اڳوڻو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه، خورشيد شاهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

گهوٽڪي: پيپلز پارٽي جو شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري جلسي دوران اسٽيج تي ويٺل آهي

نگران حڪومت وٽ منظور ٿيل قانون ڏسڻ جو مينڊيٽ ناهي: رضا رباني

نگران حڪومت جي قانون سازي تي ڪابينا ڪميٽي جوڙڻ آئين جي خلاف آهي

نگران حڪومت ان قدم ذريعي سپريم ڪورٽ ۽ پارليامينٽ کي بلڊوز ڪندي

ڪابينا ڪميٽي رولز آف بزنس تحت ناهي وئي آهي، هي ڪميٽي قانون سازي لاءِ ناهي : مرتضيٰ سولنگي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اڳوڻي چيئرمين سينيٽ ۽ پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ رضا رباني چيو آهي ته نگران حڪومت وٽ منظور ٿيل قانون ڏسڻ جو مينڊيٽ ناهي، رضا رباني چيو ته نگران حڪومت وٽ اهو مينڊيٽ ناهي ته اهي اهڙا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

مسلم ليگ ن منشور ڪميٽي جي ميمبرن جو اعلان ڪري ڇڏيو

چئني صوبن، آزاد جمون ۽ ڪشمير، گلگت بلتستان ۽ اقليتن جي نمائندگي شامل

سينيٽر عرفان صديقي کي منشور ڪميٽي جو چيئرمين بڻايو ويو

منشور ڪميٽي ۾ پير صابر شاهه، اختر ولي، خلداس ڪوهستاني ۽ بشير ميمڻ شامل

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ ن منشور ڪميٽي جي ميمبرن جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي، مسلم ليگ (ن) جي منشور ڪميٽي جي ميمبرن جو انگ 33 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

نومبر تائين جاري پوليو
مهم سنڌ جي سمورن
شهرن ۽ ضلعن ۾ جاري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي صحت کاتي پاران 30 آڪٽوبر کان 5 نومبر تائين جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا ملاقات ڪري رهيو آهي

پي ايف يو جي ملڪي سطح تي احتجاج جو سڏ ڏئي ڇڏيو

سکر پريس ڪلب ٻاهران ايس يو جي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال جاري

15 ڏينهن تائين سکر ۽ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ پاران ريجن جي شهرن ۾ لاڳيتو احتجاج جاري رکيو ويندو : لالا اسد پٺاڻ

20 ڏينهن اندر ڪراچي وزير اعليٰ هائوس آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو

سکر (رپورٽر) سکر ۾ 13 آگسٽ تي رات جو شهيد ڪيل بهادر صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل 86 ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتار نه ڪيا ويا پي ايف يو جي ملڪي سطح تي احتجاج جو سڏ ڏئي ڇڏيو، سکر يونين آف جرنلسٽ پاران سکر پريس ڪلب ٻاهران ايس يو جي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال وارو سلسلو 86 ڏينهن به جاري رکيو ويو، جنهن ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي مرڪزي اڳواڻ لالا اسد پٺاڻ خصوصي طور شرڪت ڪري مرڪزي اجلاس جي فيصلن جي آگاهي ڏيندي چيو ته 15 ڏينهن تائين سکر ۽ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سکر: صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف قلم ڌڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

”ڪيفي ڪلچر“ ۽ ”لوڪ اسٽوڊيو“ جي بحالي لاءِ قدم کڻڻ شروع ڪيا ويا آهن: عبدالعليم لاشاري

انسٽيٽيوٽ آف ٽوئرزم اينڊ هوٽل مئنيجمينٽ (پاٿم) جي عمارت ۾ پهرين واري جاءِ تي ٺئي بحال ڪيو پيو وڃي

مشهور شخصيتن، فنڪارن ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جا انٽرويوز ۽ ميوزڪ پروگرام پيهر آن لائن پليٽ فارم تي نشر ٿيڻ شروع ٿي ويندا

”لوڪ اسٽوڊيو“ جي مدد سان لوڪ ڪهاڻيون، ڪلاسيڪل شاعري، روايتي موسيقيءَ کي محفوظ ڪرڻ جو سلسلو پڻ جاري رکيو ويندو : ثقافت ۽ سياحت وارو سيڪريٽري

ڪراچي (رپورٽر) سيڪريٽري ثقافت ۽ سياحت سنڌ عبدالعليم لاشاري پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته سنڌ جي وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جي هدايت تي ”ڪيفي ڪلچر“ ۽ ”لوڪ اسٽوڊيو“ جي بحالي لاءِ قدم کڻڻ شروع ڪيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ڪيماڙي ۾ ڪارروائي، راشد سي فوڊ تي ٻه لک روپين جو ڏنڊ

سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم ڪيماڙي ۾ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين جي نگراني ۾ ڪارروائي ڪئي

ڪاڻ پيٽ جي شين جي ڪاروبار سان لاڳاپيل ماڻهو صفائي سترائي ۽ صحت جي حفاظتي اصولن جي پابندي ڪن : آغا فخر حسين

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم ڪيماڙي ۾ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين جي نگراني ۾ ڪارروائي ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر ضلعي ڪيماڙي بشير خان پڻ موجود هئا. سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پاڪستان مظلوم فلسطينين جي مدد لاءِ امدادي سامان جي ٻي کيپ موڪلي ڇڏي

پاڪستان مان غزه ۾ فلسطينين لاءِ امدادي سامان جي ٻي کيپ رواني ڪئي وئي

اهو انساني همدردي جي بنياد تي موڪليو پيو وڃي، حڪومت 90 ٽن امدادي سامان موڪلي رهي آهي : جليل عباس جيلاني

اسلامي دنيا کان مطالبو آهي ته فلسطينين کي انهن جو حق ڏياريو وڃي، اسان اڳ به فلسطينين سان گڏ هئاسين ۽ اڳتي به رهنداسين

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان طرفان غزه ۾ فلسطينين لاءِ 90 ٽن امدادي سامان جي ٻي کيپ رواني ڪئي وئي آهي، پاڪستان طرفان مظلوم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اسٽاڪ ايڪسچينج،
54 هزار جي حد پار،
آخر ۾ منفي رجحان

ڪراچي (م ڊ) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جو 100 انڊيڪس اڄ 54 هزار جي سطح عبور ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پاڪستان طرفان غزه ۾ فلسطينين لاءِ 90 ٽن امدادي سامان جي ٻي کيپ رواني ڪئي پئي وڃي

ڊيڊ لائن ڪانپوءِ افغان شهرين کي پاڪستان مان واپس پنهنجي ڏيهه موڪلڻ جو سلسلو جاري

پاڪستان ۾ غير قانوني طور رهندڙ افغانين جي عزت سان ۽ محفوظ طريقي سان واپسي حڪومت جي پهرين ترجيح آهي

هيل تائين ڪُل هڪ لک 98 هزار 554 غير قانوني طور رهندڙ افغاني واپس وڃي چڪا

اسلام آباد (م ڊ) غير قانوني پرڏيهين کي واپس وڃڻ جي ڊيڊ لائن ڪانپوءِ افغان شهرين کي پاڪستان مان واپس پنهنجي ڏيهه موڪلڻ جو سلسلو جاري آهي. پاڪستان ۾ غير قانوني طور رهندڙ افغانين جي عزت سان ۽ محفوظ طريقي سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڊي آئي خان ۾ دهشتگردن جو حملو، 2 پوليس اهلڪار شهيد

واقعي کان پوءِ واقعي واري هنڌ وڏيڪ پوليس جي نفري پهچي وئي

شهيد ٿيل پوليس اهلڪارن ۾ عارف ۽ رحمت علي شامل

ڊيرا اسماعيل خان: (م ڊ) ڊيرا اسماعيل خان جي علائقي دره زنده ۾ آئل گيس ڪمپني تي دهشتگردن حملو ڪري ڇڏيو آهي. ڊي ايس پي موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

نوازشريف سان ذاتي تعلق آهي، گهر ايندو ته ويندس: شاهد خاقان عباسي

نيب ڪانسواءِ حڪومتي نظام نٿو هلي سگهي، هي واحد ادارو آهي جنهن جو مقصد رڳو سياستدانن جو احتساب ڪرڻ آهي

پارٽي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي، ڪنهن به مشاورت ۾ حصو نه ٿو وٺي سگهان

ڪراچي (رپورٽر) مسلم ليگ (ن) جي سينيئر اڳواڻ ۽ اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي چيو آهي ته نواز شريف سان سندس ذاتي لاڳاپا آهن. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڊڪڻ پرسان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 2 سڳا ڀائر مارجي ويا

ڳوٺ ڳڙهي صاحب خان ويجهو شرن جي وانڊ ۾ ٽمو شر ۽ دودو شر جي ڌرين هڪ ٻئي تي فائرنگ ڪري ڏني

گولين لڳڻ سبب دودو شر ڌر جا 2 سڳا ڀائر دودو شر ۽ وحيد شر مارجي ويا

ڊڪڻ (رپورٽر) ڊڪڻ ويجهو شر برادري جي ٻن ڌرين ۾ خوني تڪرار تان 2 سڳا ڀائر مارجي ويا. ڳوٺ ڳڙهي صاحب خان ويجهو شرن جي وانڊ ۾ ٽمو شر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

بشير ميمڻ نواز ليگ سنڌ جو صدر مقرر

شاهه محمد شاهه کي مرڪزي نائب صدر مقرر ڪيو ويو

نون ليگ طرفان مقررين جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو

ڪراچي (م ڊ) مسلم ليگ نون شاهه محمد شاهه کي هٽائي بشير ميمڻ کي نون ليگ سنڌ جو صدر مقرر ڪري ڇڏيو، شاهه محمد شاهه کي مرڪزي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اڊيالا جيل پرسان شڪي ٿيلهي مان طاقتور ڌماڪيدار مواد برآمد

بم ڊسپوزل اسڪواڊ ڌماڪيدار مواد کي ناڪارا بڻائي ڇڏيو

اطلاع تي پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي ۽ علائقي جي ناڪابندي ڪئي وئي

راولپنڊي (م ڊ) اڊيالا جيل پرسان روڊ تي ٿيلهي مان ڌماڪيدار ڊوائيس برآمد ٿي، اڊيالا جيل پرسان برآمد ٿيل ٿيلهي مان ڌماڪيدار مواد هٿ آيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم ڪيماڙي ۾ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين جي نگراني ۾ ڪارروائي ڪندي

غير قانوني پرڏيهين کي واپس موڪلڻ جو عمل وڌيڪ تيز ٿيندو: جان اڇڪزئي

دستاويز نه هجڻ تي 200 کان وڌيڪ پرڏيهين کي حراست ۾ ورتو ويو

چمن بارڊر تان 66 هزار کان وڌيڪ پرڏيهين کي واپس موڪليو ويو آهي

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان جي اطلاعات ۽ نشريات واري نگران وزير جان اڇڪزئي چيو آهي ته غير قانوني پرڏيهين کي واپس موڪلڻ جو عمل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

نادرا 18 هزار کان وڌيڪ سڃاڻپ ڪارڊز نشاندهي بعد رد ڪري ڇڏيا

نادرا طرفان احتساب کاتي ۽ انڪوائري جي نظام کي مضبوط ڪيو ويو

جعلي سڃاڻپ ڪارڊز جاري ڪرڻ ۾ ملوث نادرا ملازمن جي نشاندهي به جاري

اسلام آباد (م ڊ) سڃاڻپ ڪارڊز جي غيرقانوني جاري ٿيڻ بابت جاچ لاءِ قائم ڪيل جي آءِ ٽي سرگرم ٿي وئي آهي. نادرا 18 هزار کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

پي ٽي آءِ اڳواڻن جي گرفتاري روڪڻ جي حڪم ۾ واڌ

پي ٽي آءِ اڳواڻ شهريار آفريدي ۽ شاندنا گلزار جي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

ايم پي او پهريون پيرو اولهه پاڪستان ۾ لاڳو ڪيو ويو : ايڊيشنل اٽارني جنرل

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) شهريار آفريدي ۽ شاندنا گلزار کي ڪنهن ٻئي ڪيس ۾ گرفتار ڪرڻ کان روڪڻ واري حڪم ۾ 21 نومبر تائين واڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

خوشخبري، سعودي عرب جو پاڪستاني شاگردن لاءِ اسڪالرشپس جو اعلان

پاڪستاني شاگردن کي 700 مڪمل فنڊڊ وظيفا فراهم ڪيا ويندا

پهريان اسڪالرشپس جو انگ 600 هو جنهن کي هاڻي وڌائي 700 ڪيو ويو

رياض (م ڊ) سعودي عرب پاڪستاني شاگردن لاءِ 700 مڪمل فنڊڊ تعليمي وظيفن جو اعلان ڪيو آهي، جن سان اهي سعودي عرب جي 25 اعليٰ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ن ليگ ۽ ايم ڪيو ايم جو اتحاد پراڻو آهي: سعيد غني

ن ليگ پنجاب ۽ ايم ڪيو ايم ڪراچي ۾ پنهنجي غير مقبوليت سان پريشان آهي

پ پ خلاف اتحاد ڪا نئين ڳالهه ناهي، پ پ خلاف اتحاد ٺاهيندڙ پ پ جي مقبوليت کان ڊڄي رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) ن ليگ ۽ ايم ڪيو ايم جي اتحاد تي پ پ ردعمل جو اظهار ڪيو آهي، پنهنجي بيان ۾ پ پ اڳواڻ سعيد غني چيو ته ن ليگ ۽ ايم ڪيو ايم جو اتحاد پراڻو آهي، ن ليگ پنجاب ۽ ايم ڪيو ايم ڪراچي ۾ پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

دهشتگردي جي نرسريءَ جي تباهي سان ئي مڪمل امن بحال ٿيندو: بلاول ڀٽو زرداري

دهشتگردن جي خاتمي لاءِ نيشنل ايڪشن پلان تي عمل ڪيو وڃي

رياست جي رٽ کي چيلينج ڪندڙ ڏوهاري ناقابل معافي آهن

پ پ چيئرمين پاران ڊيرا اسماعيل خان ۾ دهشتگردي جي مذمت ڪندي متاثر خاندانن سان تعزيت جو اظهار

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو چوڻ آهي ته دهشتگردي جي نرسريءَ کي تباهه ڪرڻ سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسلام آباد: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

ماڙي جلباڻي واقعي ۾ ملوثن
قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو
وڃي: سيد زين شاهه

سڪرنڊ (رپورٽر) ڳوٺ ماڙي جلباڻي ۾ پوليس ۽ رينجرس هٿان شهيد ٿيندڙ چئن ڳوٺاڻن نظام دين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

آءِ ايم ايف ٽيوب ويل صارفين لاءِ بجيٽ سبسڊي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

آءِ ايم ايف مشن سان ٽيڪنيڪي سطح تي ڳالهين ۾ توانائي واري وزارت ۽ ناڻي واري وزارت جي اختيارين جو اجلاس ٿيو

اجلاس دوران ٽيوب ويل سولرائيزيشن اسڪيم کي هلندڙ مالي سال شروع ڪرڻ تي ڳالهيون ڪيون ويون

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) ٽيوب ويل صارفين لاءِ بجيٽ سبسڊي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي، ذريعن موجب آءِ ايم ايف مشن سان ٽيڪنيڪي سطح تي ڳالهين ۾ توانائي واري وزارت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

25 هزار افغانين جي ٻي دخلي، آمريڪا جو پاڪستان سان رابطو

اسلام آباد ۾ آمريڪي سفارتخاني افغان پناهگيرن جي تحفظ لاءِ هاٽ لائن قائم ڪرڻ کان علاوه سڃاڻپ جي لاءِ خط به جاري ڪري ڇڏيا

ڪابل ۾ طالبان حڪومت جي اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ يا بعد ۾ افغانستان ڇڏي پناهه جي لاءِ پاڪستان منتقل ٿي ويا

آمريڪا کي سيني کان وڌيڪ ڳڻتي خطرن ۾ گهيريل ماڻهن جي سلامتي جي حوالي سان آهي : آمريڪي اختيارين

اسلام آباد: (بيورو رپورٽ) آمريڪي حڪومت پاڪستان مان 25 هزار افغان پناهگيرن جي واپسي روڪڻ لاءِ پاڪستان جي نگران حڪومت سان لاڳيتو رابطي ۾ آهي. ان سلسلي ۾ اسلام آباد ۾ آمريڪي سفارتخاني افغان پناهگيرن جي تحفظ لاءِ هاٽ لائن قائم ڪرڻ کان علاوه سڃاڻپ جي لاءِ خط به جاري ڪري ڇڏيا آهن هي اهي ماڻهو آهن جيڪي ڪابل ۾ طالبان حڪومت جي اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ يا بعد ۾ افغانستان ڇڏي پناهه جي لاءِ پاڪستان منتقل ٿي ويا هئا، آمريڪي اختيارين طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته آمريڪا کي سيني کان وڌيڪ ڳڻتي خطرن ۾ گهيريل ماڻهن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: قطار ۾ بيٺل افغان پناهگير پنهنجا سڃاڻپ ڪارڊ ڏيکاري رهيا آهن

ايف آءِ اي جو ايڪشن، غير قانوني ڪرنسي ايڪسچينج ۾ ملوث گينگ جو سربراهه گرفتار، ڪروڙين رپيا هٿ

جوابدار وٽان 4 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ ماليت جي ملڪي ۽ پرڏيهي ڪرنسي هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي

هٿ ڪيل پرڏيهي ڪرنسي ۾ 46 هزار 370 آمريڪي ڊالر، 11 هزار 445 برطانوي پائونڊ ۽ 6 هزار 5 سئو يورو به شامل

جوابدار وٽان موبائيل فونز، هنڊي حوالا ڪاروبار جا رجسٽر ۽ ٻيو سامان به هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي

ڪراچي (م ڊ) ايف آءِ اي اسٽيٽ بينڪنگ سرڪل ڪراچي شهيد ملت روڊ واري علائقي ۾ وڏي ڪارروائي ڪري غير قانوني ڪرنسي ايڪسچينج ۾ ملوث گينگ جي سربراهه کي گرفتار ڪري ورتو آهيجوابدار وٽان 4 ڪروڙ روپين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪانگو وگهي ڪوئيٽا جو ڊاڪٽر فوت، مريض ڪراچي منتقل، خوف ۽ هراس پکڙجي ويو

وائرس سان متاثر وڌيڪ 5 مريضن کي طبي امداد جي فراهمي لاءِ ڪراچي منتقل ڪيو ويو

ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ بلوچستان مان آندل مريضن جو ڪُل انگ 11 ٿي ويو

ڪراچي (م ڊ) ڪوئيٽا ۾ ڪانگو وائرس جي صورتحال سنگين ٿي وئي، جتي هڪ مريض فوت ٿي ويو. جڏهن ته ڪوئيٽا جي سنڊيمن اسپتال ۾ ڪريمين ڪانگو هيمرجڪ فيور (سي سي ايڇ ايف) وائرس سان متاثر وڌيڪ 5 مريضن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

جيستائين آئين ۾ ترميم نٿي ٿئي، نواز شريف جي نااهلي ختم نٿي ٿي سگهي : اعتزاز احسن

نواز شريف تاحيات نااهل آهي ، نواز شريف بادشاهه آهي، سڀ ان جي سامهون جهڪيل آهن

ترميم بنا سپريم ڪورٽ جي سزا ۾ رعايت نٿي ٿي سگهي، جنهن هاءِ ڪمشنر نواز شريف کي سي آف ڪيو

افغان معاملي تي ٻيهر ڳالهائڻ جي ضرورت آهي ۽ قومي پاليسي جوڙي وڃي

لاهور (م ڊ) سينيئر قانوندان اعتزاز احسن چيو آهي ته نواز شريف تاحيات نااهل آهي، جيستائين آئين ۾ ترميم نٿي ٿئي، نواز شريف جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسلام آباد: صدر عارف علوي جي صدارت هيٺ ٿيل اعليٰ سطحي اجلاس جو ڏيک

ڪوٽڙي ۾ عورت سان
مبينا ريپ، عدالتي
حڪم تي ڪيس داخل

ڪوٽڙي (رپورٽر) ڪوٽڙي ۾ شادي شده عورت سان مبينا ريپ ڪيو ويو، عدالتي حڪم تي ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اسرائيل يرغمالين جي بازيابي تائين جنگبندي رد ڪري ڇڏي

حماس سان جنگ ڪانپوءِ اسرائيل اڻڄاتل مدي تائين غزه جي پٽي جي سيڪيورٽي جي مجموعي ذميواري قبول ڪندو : نيتن ياهو

حماس سان جنگ ڪانپوءِ غزه جي پٽي جي سيڪيورٽي جي مجموعي ذميواري غيرمعمولي مدي تائين سنڀالي ويندي

تل ابيب (م ڊ) اسرائيلي وزيراعظم غزه جي پٽي تي قبضو ڪرڻ جو ارادو ظاهر ڪندي يرغمالين جي آزاد ٿيڻ تائين جنگ بندي جي امڪان کي رد ڪري ڇڏيو پرڏيهي ٽي وي اي بي سي کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ٺٽون ديرو پرسان قلپوٽا ڳوٺ جي رهواسي مڱڻيجا برادري پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

مسمات گلان خاتون، عارف علي پنهنجي گهرواري سهڻي خاتون، ڀاڄائي ليلا خاتون، ريما خاتون، ٻارڙن مدثر، ماريه، علي بخش ۽ ٻين احتجاج ڪيو

منهنجي نياڻيءَ کان پنهنجو مڙس ۽ ساهرا اسان جي خلاف ڪوڙا بيان ڏياري ڌمڪين جا الزام هڻي رهيا آهن جنهن کي اسان ڪي بہ ڌمڪيون ناهن ڏنيون : مظاهرين

اسان غريب مسڪين پورهيت آهيون ڪنهن کي ڇا نقصان ڏينداسين، ذميوارن خلاف ڪاروائي ڪري اغوا ڪيل ڀيڻ رابعه کي بازياب ڪرائي ڏنو وڃي

ٺٽون ديرو(رپورٽ شاد پٽو) ٺٽون ديرو پرسان قلپوٽا ڳوٺ جي رهواسي مڱڻيجا برادري جي عورتن، مردن ۽ ٻارڙن پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو آهي جتي مسمات گلان خاتون، عارف علي پنهنجي گهرواري سهڻي خاتون، ڀاڄائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٺٽون ديرو : مڱڻيجا برادري جا ماڻهو احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪنڌيارو پوليس چوري جي
الزام ۾ نوجوان ڪنيي کڻي
وئي، وارثن پاران ڌرڻو

ڪنڌيارو(رپورٽ) ڪنڌيارو پوليس چوري جي الزام ۾ نوجوان ڪنيي کڻي وئي، وارثن جو قومي شاهراهه تي ڌرڻو، پوليس نوجوان اوشاق سولنگي کي مبينہ گرفتار ڪري نامعلوم هنڌ رکي ڇڏيو. وارثن ڌرڻو هڻي قومي شاهراهه بلاڪ ڪري ڇڏيو گاڏين جون قطارون لڳي ويون. پوليس اسان جي نوجوان جي ڪي چوري جي ڪوڙي الزام گرفتار ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪيٽي پرياسي وارن علائقن ۾ ناياب پکين جي نسل ڪشي ڪندڙ خلاف ڪارروايون

جيڪو مهمان پکين جي نسل ڪشي ڪندو تہ ڪاروايون ڪبيون : انسپيڪٽر محمد اشرف ملاح

مهمان پکين جي نسل ڪشي ڪندڙن سان ڪاب رعايت نہ ڪبي، ڪارروايون ڪنداسين

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڪيٽي پرياسي وارن علائقن ۾ ناياب پکين جي نسل ڪشي ڪندڙ خلاف گيم کاتي جي انسپيڪٽر محمد اشرف ملاح خداڏنو شاهه جي اسٽاف سان گڏ ڪارروائي روشن سبيرو 10 مهمان پکين سميت گرفتار ڪري مٿس گيم کاتي جي قانون موجب ڪيس داخل ڪري لاڳاپيل ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو رابطو ڪرڻ تي گيم کاتي جي عملدارن ٻڌايو جيڪو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز شهر مان امن جو پکي اڏامي ويو، چورين ڦرن ۾ ڪا پر نہ آئي، پوليس خاموش تماشائي بڻيل

نامعلوم چور پيدي واري عبدالشڪور عباسي جي شوروم سميت 10 دڪانن جا تالا ڀڃي لکين روپيا روڪ ۽ سامان کڻي ويا

دڪاندار ايسوسيئيشن جي سڏ تي مين الله واروچونڪ بند ڪري احتجاج، ٽائرن کي باهيون، پوليس خلاف نعريبازي

هٿيار جي زور تي دڪاندار کان لکين روپيا ڦريا آهن پر اهائي پوليس ڪن لاٿار آهي، نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي : مظاهرين

نوشهروفيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي) نوشهروفيروز شهر مان امن جو پکي اڏامي ڏينهن هجي رات هجي چورين ڦرن ۾ ڪا پر نہ آئي گذريل رات چور الله واري چوڪ تان سيٺ محمد ڏنگراج پيدي واري عبدالشڪور عباسي جي شوروم سميت 10 دڪانن جا تالا ڀڃي لکين روپيا روڪ ۽ سامان کڻي ويا، دڪاندار ايسوسيئيشن جي سڏ تي مين الله واروچونڪ بند ڪري احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز : دڪاندار ايسوسيئيشن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر : ناڻي کاتي جي ڊسٽرڪٽ
اڪائونٽس آفيسر جي آفيس
۾ رشوت جي بازار گرم

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) ناڻي کاتي جي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر جي آفيس ۾ مبينہ طور رشوت جي بازار گرم بڻيل ترقياتي ڪمن جا بل رشوت نہ ڏيڻ سبب رڪيل ٺيڪيدار پريشاني جو شڪار، متاثر ٺيڪيدارن جو احتجاج ان سلسلي ۾ يونائيٽيڊ گورنمينٽ ڪانٽريڪٽرز ايسوسيئيشن جي چيئرمين حاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٺٽي ضلعي جو عوام بي يارو مددگار ڇڏيل، لکين نوجوان منشيات جا عادي بڻجي ويا

مڇرن ۽ ڪتن جي انگ ۾ مسلسل اضافو، 13 کان 15 ڪلاڪ بجلي جي لوڊشيڊنگ لکين ماڻهن کي ذهني مريض بڻائي ڇڏيو

ضلعي جا سمورا شهر تباهہ ٿي ويا آهن، ضلعي جي عوام جون دانهون ٻڌڻ وارو ڪو بہ ناهي، عوام کي ڪو رليف ملي سگهيو

مڇر ۽ ڪتا مار مهم شروع ڪئي وڃي، منشيات اسمگل ڪندڙ وڏن منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي : رهواسي

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ضلعي جي عوام کي بي يارو مددگار ڇڏيو ويو آهي ٺٽي ضلعي سان واسطو رکندڙ لکين نوجوان منشيات جا عادي بڻجي ويا آهن، مڇرن ۽ ڪتن جي انگ ۾ مسلسل اضافو 13 کان 15 ڪلاڪ بجلي جي لوڊشيڊنگ ٺٽي ضلعي جي لکين ماڻهن کي ذهني مريض بڻائي ڇڏيو آهي، ضلعي جا سمورا شهر تباهہ ٿي ويا آهن، ضلعي جي عوام جون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر جي صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل 86 ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتار نہ ٿي سگهيا

يونين آف جرنلسٽ پاران پريس ڪلب ٻاهران ايس يو جي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال وارو سلسلو جاري

86 ڏينهن ٿي ويا آهن پر شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتار نہ ڪيو ويو آهي پوليس مسلسل لارا لپا ڏيندي رهي آهي : اڳواڻ

جيستائين شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٺهڙي ۾ نہ ٿو آندو وڃي احتجاجي تحريڪ جاري رهندي

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ 13آگسٽ تي رات جو شهيد ڪيل بهادر صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل 86 ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتار نہ ڪيا ويا پي ايف يو جي، ملڪي سطح تي احتجاج جو سڏ ڏني ڇڏيو، سکر يونين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٺٽون ديرو : بوائز هاءِ اسڪول
خانواهہ تعلقو رتوديرو ۾ شجر
ڪاري مهم جو آغاز ڪيو ويو

ٺٽون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٽو) ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ۽ ڊائريڪٽر سيڪنڊري ايجوڪيشن لاڙڪاڻو جو خاص هدايتن تي گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول خانواهہ تعلقو رتوديرو ۾ شجر ڪاري مهم جو آغاز ڪيو ويو، جنهن ۾ نم جا وڻ نازيو لوڪي پڻ لڳائي وئي جنهن ۾ استادن اعجاز علي پٽو،رب ڏنو ڪتيان،/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سکر : صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽکراٽو پرسان 3491 جانورن کي مهاڙي جي بيماري کان بچاءَ خاطر اڳواٽ ٽڪا لڳايا ويا

جانورن ۾ مهاڙي جهڙي موذي مرض کان وڪسين ۽ جيري ڦقڙن ۽ آنڊي ۾ جيتن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪم شروع

جو کاتي ۾ مالدارن جي چڱ ڀلائي لاءِ ڪافي پراجيڪٽن تي ڪم هلي پيو : ڊاڪٽر عطاءُ الله ڏائلٽ

جانورن جي سٺي پالنا هوندي تہ اسان جو صوبو سنڌ ۽ اسانجو ملڪ پاڪستان کير ۽ گوشت جي پيداوار ۾ اڳتي ايندو

ٽکراٽو(ن سنڌيار) ٽکراٽو پرسان لائيو اسٽاڪ کاتي سکر پاران تعلقي صالح پٽ ۽ تعلقي پنوعاقل ۾ اي اي پي پراجيڪٽ ۽ فوٽ ايند مائوٿ پروگرام تحت 3491 جانورن کي مهاڙي جي بيماري کان بچاءَ خاطر اڳواٽ ٽڪا لڳايا ۽ 5670 جانورن کي پيٽ جي جيتن جي بچاءَ کان دوا پياري خبر موجب لائيو اسٽاڪ کاتي سنڌ جي ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر نظير حسين ڪلهوڙو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دادو پوليس ۾ اسپيشل پوليس فورس جو اضافو، 56 مرد ۽ 3 عورت اميدوارن کي آرڊر جاري

53 مرد ۽ 3 عورت اميدوارن کي ميرٽ تي ڀرتي ڪرڻ بعد آءِ جي سنڌ پوليس جي منظوري ڏني وئي

نوجوانن جي آهي جن جي ميرٽ تي ڀرتي ٿيڻ تي خوشي جو اظهار ڪندي ايس ايس پي دادو جو شڪريو ادا ڪيو

ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار سمورن ڀرتي ٿيل اميدوارن کي مقرري جا آرڊر ڏنا

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو پوليس ۾ اسپيشل پوليس فورس جو اضافو.دادو پوليس ترجمان موجب جنرل ڀرتين تحت اسپيشل پوليس فورس ۾ ميرٽ تي ڪانسٽيبل طور ڀرتي ڪيل 56 مرد ۽ عورت اميدوارن کي اپائينمينٽ جا آرڊر جاري ڪيا ويا اسپيشل پوليس فورس ۾ ڪانسٽيبل جي ڀرتي جو عمل ٽيسٽنگ سروس پروجيڪٽ (SPF_490)تحت 53 مرد ۽ 3 عورت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٻيرلوءِ ٽائون ڪاميٽي انتظاميا
خلاف خبرون شايع ٿيڻ تي ٽائون
انتظاميا حرڪت ۾ اچي وئي

ٻيرلوءِ(رپورٽر) ٻيرلوءِ ٽائون ڪاميٽي انتظاميا خلاف خبرون شايع ٿيڻ تي ٽائون انتظاميا حرڪت ۾ اچي وئي، مين روڊن تي صفائي جو عمل شروع ٿي ويو مين روڊ کان سواءِ صفائي سٿرائي نہ هجڻ جي برابر تفصيل موجب هتان جي عوام مطالبو ڪندي گهر ڪئي تہ محلي وائيز مڇر مار اسپري ڪرايو وڃي تہ جيئن عوام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دادو : ايس ايس پي نوجوانن کي آفر آرڊر ڏئي رهيو آهي

بدين ۾ تعليم کاتي جي تعليم دشمني ۽ لاپرواهي جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا

ڪامورن درسي نصابي ڪتاب ٻارڙن کي ڏيڻ بدران سر نالي ۾ دفن ڪري لوڙهي ڇڏيا، اختياريون خاموش

درسي ڪتاب ٻارڙن کي ڏيڻ بدران ڪتابن جي 60 سيڪڙو ڪوٽ ڏيکاري گودامن ۾ رکي ڇڏيا تا وڃن

معاملي جو نوٽيس وٺي تعليم کاتي جي سنگين انتظامي لاپرواهي جو سخت نوٽيس ورتو وڃي : سڄاڻ ڌريون

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ تعليم کاتي جي تعليم دشمني ۽ لاپرواهي جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا درسي نصابي ڪتاب ٻارڙن کي ڏيڻ بدران سر نالي ۾ دفن ڪري لوڙهي ڇڏيا. واضح رهي تہ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ پاران جاري ٿيندڙ نصابي ڪتاب جيڪي سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارڙن کي پڙهائڻ لاءِ ڏنا ويندا آهن پر گولاڙچي تعلقي ۾ اهي نصابي درسي ڪتاب ٻارڙن کي ڏيڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

باٿر منشيات فروش خبرون هلائڻ تان ڏمرجي پيو آهي : مختيار علي شاهہ

جوابدار وحيد خاصخيلي ساٿين سميت مون مٿان قاتلاڻو حملو ڪري مونکي زخمي ڪيو آهي

جوابدار ڌر مختلف وقتن تي مختلف طريقن سان حرسان ڪري رهيو آهي، نوٽيس ورتو وڃي

خيرپور(د ر)خيرپور جي سماجي اڳواڻ ۽ نجي اخبار جي ايڊيٽر سيد مختيار علي شاهہ احتجاج ڪندي چيو تہ باٿر منشيات فروش وحيد خاصخيلي خبرون هلائڻ تان ڏمرجي پيو آهي هن چيو تہ جوابدار وحيد خاصخيلي ساٿين سميت مون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز ۾ رحيم يار خان جي رهواسڻ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو

مائٽ منهنجي مڙس کي ڌمڪيون ٿا ڏين تہ توهان ٻنهي کي ڪارو ڪاري ڪري مارينداسين : ناري

فيصلي ۾ مون کان 2 لک روپيا ورتا آهن پوءِ بہ اسان تي ڪوڙا ڪيس ڪرڻ ۽ مارڻ جون ڌمڪيون ٿا ڏين : نوجوان

نوشهرو فيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي)ضلعي رحيم يار خان جي رهواسڻ مرسلين عباسي ڌي علي حسن گهوٽڪي جي رهواسي الہ وڏايو ولد مختيا احمد ڪنڀر ضلع گهوٽڪي نوشهرو فيروز نيشنل پريس ڪلب پهچي ڏانهيندي مرسلين عباسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

پريس ڪانفرنس هال ڊسٽرڪٽ نيشنل پريس ڪلب
نوشهرو فيروز
نوشهروفيروز : پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

چونڊن ۾ ڪاميابي ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي ملندي آهي : ڪميل حيدر شاهہ

عام چونڊن ۾ بہ پيپلزپارٽي سڄي ملڪ مان وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻيندي

بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن تي عمل ڪندي عوامي خدمت جو سلسلو جاري رکيو ويندو

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهہ چيو آهي تہ چونڊن ۾ ڪاميابي ڪارڪردگيءَ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

اوٻاوڙو پرسان 60 سالا عورت گهٽو ڏئي قتل، جوابدار فرار

مسمات پلي پنهنجي جانورن جو گاهہ ڪرڻ وئي تہ گهر نہ موٽي

گولا ڪرڻ بعد مقتولا جو لاش ٻني واري فصل ۾ گهٽو ٿيل لاش مليو

اوٻاوڙو(رپورٽ غلام علي رند) اوٻاوڙو ٿاڻي جي حد ڳوٺ نورخان شر ۾ هي افسوس ناڪ واقعو پيش آيو آهي، جتي 60 سالا مسمات پلي شر کي جوابدارن گهٽو ڏئي قتل ڪرڻ بعد سونا زيور لاهي فرار ٿي ويا آهن. اوٻاوڙو مسمات پلي پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪنهن بہ قسم جا تحفظات آهن تہ ختم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن : ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر

20 نومبر تي ٻارن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ضلعي سطح تي ريلي ڪڍي ويندي

ٻارن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان پروگرام سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ ٿرپارڪر سان شيئر ڪن

مٺي(پ ر) ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر ۽ چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر ڪيلاش سيني ملڪي ۽ غير ملڪي اين جي اوز کي هر مهيني جي 5 تاريخ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

مٺي : ڪلچائي دوران اڳواڻ ويٺل آهن

اسسٽنٽ ڪمشنر گهوٽڪي ۽ ميرپور ماٿيلو جون پاڻ ڊيلرن خلاف ڪارروايون

امر جهہ پاڻ ڊيلر سنيل ڪمار ۽ راجيش ڪمار مٿان 50 هزار ڏنڊ لاڳو ڪري ڇڏيو

اسسٽنٽ ڪمشنر اوٻاوڙو هڪ غير رجسٽرڊ ڊيلر جي دوڪان کي سيل ڪري ڇڏيو

گهوٽڪي(د ر) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي هدايت تي اسسٽنٽ ڪمشنر گهوٽڪي ۽ ميرپور ماٿيلو جون پاڻ ڊيلرن خلاف ڪارروايون. اسسٽنٽ ڪمشنر گهوٽڪي امر جهہ پاڻ ڊيلر سنيل ڪمار ۽ راجيش ڪمار مٿان 50 هزار ڏنڊ لاڳو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

دادو : تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر غلام رسول چانديو پاران اسڪول جو دورو

شاگردن ۾ ڪتاب، ڪاپيون، پيون، پينسلون، بيگ ۽ اسڪول لاءِ بہ فرنيچر ۾ بينچون تقسيم

تعليم لاءِ اسان سڀني استادن آفيسرن والدين کي گڏيل طور ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي : غلام رسول چانديو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر غلام رسول چانديو پاران گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول يوسي ٻير ٽرهو جو دورو ڪيو ويو شاگردن ۾ ڪتاب، ڪاپيون، پيون، پينسلون، بيگ ۽ اسڪول لاءِ بہ فرنيچر ۾ بينچون. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

دادو : تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر ٻارن ۾ ڪاپيون ۽ ٿيلها ورهائي رهيو آهي

بلڙي شاهہ ڪريم پرسان ڳوٺ وڏيرو صديق مهندو جو رهواسي پريس ڪلب پهتو

پاڻ سروي واري زمين تي حبيب بئنڪ کان لکين روپين جو قرض ورتو آهي : غلام حسين

سروي واري زمين ۽ ٻيو سامان حوالي ڪري مونکي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ ساڻس انصاف ڪيو وڃي

بلڙي شاهہ ڪريم(رپورٽر) تعلقي بلڙي شاهہ ڪريم جي ديهہ ڪناڏائي ڳوٺ وڏيرو صديق مهندو جي رهواسي غلام حسين عرف بابو مهندو ولد محمد جعفر مهندو پريس ڪلب بلڙي شاهہ ڪريم ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي صحافين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

خيرپور ۾ اسد عمراڻي جي قاتلن جي عدم گرفتاري خلاف احتجاج

پوليس شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو سميت ڪنهن بہ شهيد جي قاتلن کي گرفتار نہ ڪري سگهي آهي : مظاهرين

اسد عمراڻي جا قاتل بہ گرفتار نہ ڪيا ويا آهن جيڪا سنڌ حڪومت جي ناڪامي جو واضع ثبوت آهي

خيرپور(د ر)خيرپور ۾ پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو پاران مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ ڪارڪن اسد عمراڻي جي قاتلن جي عدم گرفتاري خلاف پريس ڪلب خيرپور آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري جي اڳواڻي اشفاق سرڪي، حيدار خاصخيلي، عابد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي هدايتن تي ذخيره اندوزن ۽ منافعي خورن خلاف ڪارروايون

اسسٽنٽ ڪمشنر ڏهرڪي پاران پاڻ ڊيلرن جي دوڪانن تي ڇاپو، 95 هزار روپيا ڏنڊ لاڳو

ڪنهن کي بہ پاڻ ذخيرو ڪرڻ يا بليڪ مارڪيٽنگ جي اجازت نہ ڏبي : اسسٽنٽ ڪمشنر

گهوٽڪي(د ر) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي هدايتن تي ذخيره اندوزن ۽ منافعي خورن خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري. اسسٽنٽ ڪمشنر ڏهرڪي جو پاڻ ڊيلرن جي دوڪانن تي ڇاپو، 95 هزار روپيا ڏنڊ لاڳو خبر موجب ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

گهوٽڪي : اسسٽنٽ ڪمشنر ڇاپن دوران پڇا ڳاڇا ڪري رهيو آهي

اوٻاوڙو پرسان قديمي ڳوٺ جهنگل ملڪ سهولتن کان وانجهيل

قديمي ڳوٺ جهنگل ملڪ جي ڊي سي، اي سي، يوسي انتظاميہ سميت ڪنهن بہ چونڊيل نمائندي سار نہ لڌي

صحت جي سهولت سميت سمورين بنيادي سهولتن کان محروم بڻيل، ڳوٺاڻن پاران احتجاج ڪيو ويو

جيڪڏهن اسان جي ڪنهن بہ واهر نہ ڪئي تہ اسان جنرل اليڪشن جو ۽ پوليو مهم جو بائيڪاٽ ڪنداسين : مظاهرين

اوٻاوڙو (رپورٽ غلام علي رند) اوٻاوڙو پرسان سڌ سالن کان يوسي جو درجو رکندڙ پنج سئو گهرن تي ٻڌل قديمي ڳوٺ جهنگل ملڪ جي ڊي سي، اي سي، يوسي انتظاميہ سميت ڪنهن بہ چونڊيل نمائندي سار نہ لڌي، نہ گندي پاڻي جي نيڪال، نہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ايس ايچ او ٺٽون ڪوٽ جي
گٽڪي وڪرو ڪندڙن خلاف
ڪارروائي، 2 جوابدار گرفتار

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) ايس ايچ او ٺٽون ڪوٽ جي گٽڪي وڪرو ڪندڙ عناصرن جي خلاف ڪامياب ڪارروائي، 2 جوابدار گرفتار، وڏي مقدار ۾ گٽڪو هٿ، تفصيل موجب ايس ايس پي ميرپورخاص عادل ميمڻ جي حڪم تي ايس ايچ او ٺٽون ڪوٽ حسين بخش خاصخيلي جي خفيہ اطلاع تي ڪامياب ڪارروائي ڪندي جوابدارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

اوٻاوڙو : ڳوٺاڻا بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺٽون ديرو ۾ خيرپور جي صحافي جي گهر تي چڙهائي خلاف احتجاج

صحافي سيد مختيار علي نقوي تي حملو ڪندڙن نروار ٿي چڪا آهن : قلم ڏٺي

ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري ايف آئي آر داخل ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

ٺٽون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٽو پٽو) روزاني نداءِ سنڌ نيوز نيٽ ورڪ جي سي اي او ۽ سيد مختيار علي نقوي جي خيرپور واري گهر تي هٿيارٻندن جي چڙهائي خلاف ۽ سندس کي زخمي ڪرڻ خلاف ٺٽون ديرو پريس ڪلب جي صحافين صدر رياض حسين ڪنگو، چيئرمين ضمير حسين پٽو جنرل سيڪريٽري ارشاد علي ميراڻي،سرپرست اعليٰ سيد افتخار علي نقوي، سينيئر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سڄاول ۾ پاپوليشن ڊپارٽمينٽ عهديدارن جو هنگامي اجلاس منعقد

ڪجهہ شرپسند عناصرن ضلعي سڄاول جي پاپوليشن کاتي جي ماحول کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن : اڳواڻ

هتان ڪلرڪ طالب انڙ ۽ مهتاب قريشي جي بدلي ٿيڻ باوجود ٻئي شخص پنهنجي پوسٽنگ تي قابض ٿيو ويٺا آهن

ڪلرڪ طالب انڙ ۽ مهتاب خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاجي ڪيمپ لڳائي ويندي

سڄاول(رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) ايپڪا يونٽ ضلع پاپوليشن ڊپارٽمينٽ عهديدارن جو هنگامي اجلاس ڪوٺايو ويو، اجلاس ۾ ايپڪا يونٽ ضلع پاپوليشن ڊپارٽمينٽ صدر مسرسلمہ ميمڻ، رضيہ، نازيہ شازيہ، پروين، مهرالنساء، آشا، ڪملا، عظمت، نويداحمد ميمڻ، صديق ميربحر، رفيق سولنگي، اعجازملاح، ممتازميمڻ ۽ ٻين چيو تہ هتان جا ڪجهہ شرپسند عناصرن ضلعي سڄاول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سکر ۾ اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ پريا
ڪماري رهائي ڪميٽي جو پليٽ فارم جوڙي
جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان

سکر(بيورو رپورٽ)سکر ۾ اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ پريا ڪماري رهائي ڪميٽي جو پليٽ فارم جوڙي جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي احتجاج 35ڏينهن ۾ داخل، مغوين جي بازيابي لاءِ سپريم ڪورٽ ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ کي نوٽيس وٺڻ جي گهر ڪئي وئي وائيس آف رائيٽيوءِ يونائيٽيڊ لائيرس اينڊ سول سوسائٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سڄاول : آپڪا اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪوٽ غلام محمد ۾ انسانيت لڄائيندڙ واقعو، پورهيت تي تشدد ڪرڻ بعد مڇ ۽ وار ڪوڙي تذليل

نوجوان محبوب علي شيخ سنڌس ڀاءُ رحيم بخش شيخ سان گڏ ڪوٽ غلام محمد پريس ڪلب پهچي بااثرن خلاف احتجاج ڪيو

داخلي گيٽ وٽ بااثرن دين محمد شيخ، فريد شيخ ۽ راشيد شيخ هٿيارن جي زور تي مونکي اغوا ڪري ويا : محبوب علي شيخ

مون تي غلام علي، رياض، سليم، حسين بخش، راشيد ۽ دين محمد شيخ منهنجي مڇ ۽ وار ڪوڙي گڏهہ تي چاڙهي تذليل ڪئي

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد ۾ انسانيت لڄائيندڙ واقعو پيش آيو غريب پورهيت کيبن هلائيندڙ محبوب علي شيخ جو سنڌس ڀاءُ سان گڏ ڪوٽ غلام محمد پريس ڪلب پهچي بااثرن خلاف احتجاج، هنن ميڊيا کي ٻڌايو تہ رات دير سان آئون ڪيبن بند ڪري گهر ڏانهن وڃي رهيو هئس تہ شهر جي مين انٽري گيٽ وٽان هٿيارن جي زور تي مونکي اغوا ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٽري ميرواهہ جي ڳوٺ رسول بخش پيرزادو واسين پاران بااثرن خلاف مظاهرو

ڳوٺ جي بااثر عيسيٰ پيرزادو اسان سان ظلم جي انتها ڪري ڇڏي آهي : مظاهرين جون دانهون

بااثر زمين جا ٻنا سوري ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي رهيو آهي، دانهن ڪرڻ باوجود ڪير اسان جي ٻڌڻ وارو ناهي

معاملي جو نوٽيس وٺي بااثر خلاف سخت ايڪشن کڻي ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ٽري ميرواهہ(رپورٽر) ٽري ميرواهہ جي ڳوٺ رسول بخش پيرزادو واسين جو بااثر خلاف احتجاج مظاهرو ڪيو ان موقعي تي مظاهرين عزيز ستار ارشاد بشير ۽ ٻين صحافي آڏو دانهيندي ٻڌايو تہ ڳوٺ جي بااثر عيسيٰ پيرزادو اسان سان ظلم جي انتها /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

شهيد بينظير ڀٽو ڪئمپس
يونيورسٽي نوشهرو فيروز ۾ مفت
بلڊ ڊونيشن ڪئمپ لڳائي وئي

نوشهروفيروز(د ر) فاطميہ فائونڊيشن بلڊ بئنڪ سول اسپتال نوشهرو فيروز پاران شهيد بينظير ڀٽو ڪئمپس يونيورسٽي نوشهرو فيروز ۾ مفت بلڊ ڊونيشن ڪئمپ لڳائي وئي، جنهن ۾ اسٽاف انتظاميہ توڙي شاگردن وڏي انگ ۾ رت جو عطيو ڏنو ان موقعي تي يونيورسٽيءَ جي فوڪل پرسن ڪامران علي ٻوهيو پنهنجي خيالن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٽري ميرواهہ : ڳوٺاڻا احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

نگران وزيراعليٰ سنڌ جي حڪمن کي کي ايم سي جي پرنسيپال رد ڪري ڇڏيو

ٽريزي آفيس معرفت کي ايم سي جي پاس ٿيل جعلي بلن ۾ ملوث عملدارن جو گهيرو تنگ ٿيڻ جا انڪشاف

ڊاڪٽر عبدالحيٰ جي معطل ٿيڻ باوجود نئون ايڊمنسٽريٽر مقرر ٿي نہ سگهيو، سڄاڻ ڌرين ۾ حيرت جي لهر

کي ايم سي ۾ ايماندار ايڊمنسٽريٽر کي مقرر ڪري ٿيل ڪرپشن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي : اڳواڻ

خيرپور(رپورٽر) نگران وزيراعليٰ سنڌ جي حڪمن کي کي ايم سي جي پرنسيپال رد ڪري ڇڏيو، ٽريزي آفيس معرفت کي ايم سي جي پاس ٿيل جعلي بلن ۾ ملوث عملدارن جو گهيرو تنگ ٿيڻ جا انڪشاف، ڊاڪٽر عبدالحيٰ جي معطل ٿيڻ باوجود نئون ايڊمنسٽريٽر مقرر ٿي نہ سگهيو، سڄاڻ ڌرين ۾ حيرت جي لهر، نوٽيس جو مطالبو خبر موجب سنڌ جي نگران وڏي وزير ۽ جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڪوٽڏيجي پرسان ڳوٺ منڙي واسي رڏ برادري پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

اسان قتل جي ايف آءِ آر ٿاڻي تي ڪرائي هئي جن کي هتان جي بااثر مريد رڏ موج رڏ نياز رڏ ۽ ٻين قتل ڪيو هو : مظاهرين

رات هنن هڪ ڊرامو ڪندي پنهنجي گهر کي باهہ ڏئي ۽ هڪ عورت کي گولي هڻي اسان مٿان ڪوڙو ڪيس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي

ڦاسائڻ جي ڪوشش پيا ڪن اسان جي گهرن مٿان حملا اسان کي ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن، نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

ڪوٽڏيجي(رپورٽر)ڪوٽڏيجي پرسان ڳوٺ منڙي واسي رڏ برادري جي ماڻهن گلبهار،پنهل،ساماٽو،الاهي بخش رڏ جو نوجوان جي ڪيس ۾ روپوش جوابدار گرفتار نہ ٿيڻ ۽ ڪين حراسان ڪرڻ خلاف سنڌن ٿي برادري جي ماڻهن خلاف احتجاج انڪوائري ۽ انصاف جو مطالبو. تفصيل موجب بہ سال اڳ منهنجو ڀاءُ غلام نقي رڏ پاڻي جي واري تي هيوجتي ڪيس قتل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪوٽ غلام محمد شهر ۽
ڀهراڙي ۾ مهانگائي جو جن
بوتل مان ٻاهر نڪري آيو

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد شهر ۽ ڀهراڙي ۾ مهانگائي جو جن بوتل مان ٻاهر نڪري آيو، کنڊ پتي گهي اٽو دڪاندار پنهنجي مرضي مطابق وڪرو ڪرڻ لڳا انتظاميا خاموش تماشائي بڻيل عوام پريشان. خبر موجب: ڪوٽ غلام محمد شهر ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن ۾ دڪاندارن کاڌي پيتي جي شين جا ريٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪوٽڏيجي : رڏ برادري جا ماڻهو احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ نم جا ڪوسا جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

پيپلس اسٽوڊنٽ فيڊريشن سيوا اسٽوڊنٽ فيڊريشن ايس ٽي پي اڳواڻ اسد چانڊيو، شهيد ڀٽو جو اڳواڻ وسيم ڏنگراج ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪوسو اڪبر ڪوسو رياض ڪوسو ۽ ان جا ڀائرچرن ٿا زمين اسان کي ڏي، نہ ڏيڻ تان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي ٽارچر ڪري رهيا آهن : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي مون مٿان ڪوڙا ڪيس ختم ڪري انصاف ڪيو وڃي، انصاف نہ ٿيو تہ ايس ايس پي آفيس اڳيان احتجاج ڪيو ويندو

نوشهرو فيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ نم جا ڪوسا جو رهواسي نوجوان شاگرد نويد ڪوسو بااثرن خلاف نوشهرو فيروز نيشنل پريس ڪلب پهچي اڄ ٻئي ڏيهن بہ احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري جي اڳواڻي پيپلس اسٽوڊنٽ فيڊريشن سيوا اسٽوڊنٽ فيڊريشن ايس ٽي پي اڳواڻ اسد چانڊيو، شهيد ڀٽو جو اڳواڻ وسيم ڏنگراج، جساف جو صدر باغي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

ايڊيٽر:
اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اربع 08 نومبر 2023ع

هن سيزن ۾ به ڪمند جي پيڙائي وقت تي نه ٿي سگهندي!

سنڌ جي زراعت ڏينهون ڏينهن تباهي جو شڪار ٿيندي وڃي. حڪمران زرعي شعبي جا بحران حل ڪرڻ بدران انهن ڏانهن لاتعلقي جو رويو رکي رهيا آهن، جنهنڪري سنڌ ۾ اهو شعبو وڌيڪ پيچيدگين ۽ مسئلن جي حوالي ٿيندو وڃي. هڪ ته سنڌ کي پاڻيءَ جو منصفاڻو حصو نه پيو ملي، پر جيڪا پاڻيءَ جي لپ ملي ٿي، ان جي به بهتر ريگيوليشن نه پئي ٿئي. آبپاشي کاتي جي ان نااهلي سبب پڻ سنڌ جي زراعت جي تباهيءَ جو تسلسل وڌيڪ تيز پيو ٿئي. خاص طور تي سنڌ جو ڪمن جو بيلٽ تباهه ٿيندو وڃي. توڙي جو سنڌ سرڪار 15 نومبر تي ڪمند جي پيڙائي جي تاريخ مقرر ڪئي هئي ۽ ان تاريخ کان گهٽ ۾ گهٽ 10 ڏينهن اڳ ۾ شگر ملن کي چمنيون ٻارڻيون هونديون آهن. تڏهن وڃي مقرر تاريخ تي ملون هلي سگهنديون آهن پر هيستائين سنڌ ۾ شگر ملن جي نه ڪا اهڙي تياري ٿي ڏسجي، نه ئي وري اهڙي سرگرمي نظر اچي ٿي. جنهن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته هن سيزن ۾ به ڪمند جي پيڙائي حڪومت طرفان مقرر ڪيل تاريخ تي ٿي نه سگهندي ۽ آبادگارن کي وڏو مالي نقصان پهچڻو پوندو

توڙي جو سنڌ هڪ زرعي صوبو آهي پر ان کي به مناسب پاڻي نه ملڻ ۽ ٻين مسئلن جي ڪري زرعي شعبو تباهه ٿي رهيو آهي. هن سيزن لاءِ ڪمند جو اگهه 425 رپيا في مڻ (40 ڪلوگرام) مقرر ڪيو ويو آهي. جڏهن ته آبادگار اها گهر ڪندا رهيا آهن ته ٻاڻ، ٻج، جيت مار دوائون مهانگيون هجڻ سبب سندن پيداواري لاڳت وڌيڪ اچي ٿي. ان ڪري ڪمند جو گهٽ ۾ گهٽ اگهه 445 رپيا في مڻ مقرر ڪيو وڃي پر هر ڀيري حڪومت پاسما جي سامهون گوڏا کوڙي ٿي ڇڏي ۽ سنڌ جي آبادگارن کي ڪمند جو صحيح اگهه نٿو ملي. سنڌ ۾ هر سال زرعي جنسن جا سرڪاري اگهه نه ملڻ جي ڪري سنڌ جي آبادگارن جو مالي استحصال ٿي رهيو آهي. پنجاب جي ڀيٽ ۾ سنڌ جي ڪمند جو في مڻ اگهه 2 رپيا وڌيڪ هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌ جي ڪمند ۾ مٺاڻ يعني سڪروز وڌيڪ ٿئي ٿو ۽ هن سيزن ۾ پنجاب حڪومت طرفان به ڪمند جو في مڻ اگهه 425 رپيا مقرر ڪيو ويو آهي ۽ سنڌ کي اضافي اگهه نه ڏئي نا انصافي ڪئي پئي وڃي. هن ڀيري به لڳي ائين ٿو ته ڪمند جي پيڙائي جيڪا هونئن ته پهرين آڪٽوبر کان شروع ڪرڻي هوندي آهي، اها حڪومت طرفان مقرر ڪيل پيڙائي جي تاريخ 15 نومبر تي به شروع نه ٿي سگهندي. اهو صرف پاسما ۽ شگر مل مالڪن جي هوڏ سبب ٿيندو رهيو آهي. وقت سر پيڙائي نه ٿيڻ جي ڪري ڪمند سوڪ کائي ٿو ۽ ان جو وزن گهٽ ٿي وڃي ٿو پر شگر مل مالڪن جو ضد هوندو آهي ته ڪمند جي پيڙائي نومبر جي آخر تائين ٿئي. حڪومت هر ڀيري پاسما جي اڳيان مجبور هوندي آهي. توڙي جو شگر فيڪٽريز ڪنٽرول ايڪٽ 1950ع موجب ڪمند جي پيڙائي پهرين آڪٽوبر کان ڪرڻي هوندي آهي پر پوءِ پيپلز پارٽي جي حڪومت ۾ ان ايڪٽ ۾ ترميم ڪئي وئي ۽ ان ترميم موجب پيڙائي وڌ ۾ وڌ 30 نومبر تائين ٿيڻ گهرجي. ڪمند جي آبادگارن جو وڏو مسئلو اهو آهي ته آڪٽوبر ۾ پيڙائي شروع نه ٿيڻ جي ڪري ڪمند جي ڪٽائي نه ٿي سگهندي آهي، جنهنڪري ان ئي زمين تي ڪڻڪ جي پوک ٿيڻي هوندي آهي، اها نه ٿي سگهندي آهي يا وري آبادگار ڪمند جي واڍي ڪري گهٽ اگهه تي ڪمند ڏيڻ تي مجبور هوندا آهن. سڄي ملڪ ۾ ڪمند جي پوکي ۾ سنڌ جو حصو 25 سيڪڙو آهي پر ڪمند جي آبادگارن جا مسئلا وڌڻ جي ڪري اهو گهٽجندو وڃي.

اسان سنڌ حڪومت کي اهو چوڻ جي ضرورت ٿا محسوس ڪريون ته ڪمند جو سرڪاري اگهه آبادگارن جي گهر موجب 445 رپيا في مڻ مقرر ڪيو وڃي. 15 نومبر تائين ڪمند جي پيڙائي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ جيڪا مل ان مقرر تاريخ تائين پيڙائي شروع نه ڪري سگهي ته مل مالڪ خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي.

بقايا ❊❊❊ 01

چيو ته جي يو آءِ، فنڪشنل ليگ ۽ ٻيون جماعتون به اڳتي هلي اسان سان ملي سگهن ٿيون. بلاول کي ڳالهائڻ کان روڪي نه ٿا سگهون آزاد قسم جو ماڻهو آهي. ايم ڪيو ايم جي مصطفيٰ ڪمال چيو ته عام چونڊن ۾ 2013 واري پوزيشن تي واپس ايندا سين، 2013 ۾ ايم ڪيو ايم 20 قومي سيٽن مان 17 سيٽون حاصل ڪيون هيون. نوازشريف کي هر قسم جا مسئلا حل ڪرڻ جو تجربو آهي. ايم ڪيو ايم اڳواڻ چيو ته نون ليگ سان چونڊ اتحاد وزارتن لاءِ نه پر عوامي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪري رهيا آهيون. ڪراچي کير ڏيندڙ ڳئون آهي ان کي چارو به ته کارايو وڃي. فاروق ستار چيو ته ماضي کي وساري قومي اتفاق راءِ ۽ قومي سياست ڪرڻ جي ضرورت آهي.

بقايا ❊❊❊ 02

ضلعن ۾ سوگ کي ڏسندي موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو. محسن نقوي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته 10 نومبر جمعي تي آفيسون ۽ اسڪول بند هوندا. جمعي، ڇنڇر ۽ آچر تي شادي هال کليل رهندا، جڏهن ته پارڪ بند رهندا. بيڪريون، فارميسين ٽيڪ اوي ريسٽورنٽ ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽ کليل رهندي. هن چيو ته فيڪٽريون بند ته پيا ڪيون، جيڪڏهن عام مزدور جو گهلو وسامي ويو ته مسئلو ٿيندو. اسان موڪل جو اعلان سوچي سمجهي ڪري رهيا آهيون. جمعي تي اسڪولن ۾ هونءَ به اڌ ڏينهن هوندو آهي. ڇنڇر تي مارڪيٽون بند هونديون. واپاري مناسب سمجهن ته جمعي تي ڪاروبار بند ڪن.

بقايا ❊❊❊ 03

قائم علي شاهه، شرجيل انعام ميمڻ، منظور حسين وساڻ، ناصر شاهه، عاجز ڌامراهه، آغا سراج دراني، سعيد غني، نثار کهڙو، عبدالباري پتافي، شهريار شر، مڪيش چاولا ۽ ٻيا پارٽي قيادت جا اهم اڳواڻ پهچي ويا سردار محمد بخش خان مهر، غوث بخش خان مهر، مير خالد احمد خان لنڊ، مير بابر خان لنڊ، جاڪر خان بوزدار ۽ ٻيا اڳواڻ پهتل گوهر پيلس اندر منعقد ڪيل جلسي ۾ مختلف برادرين جا سردار، چڱا مڙس ۽ پ پ ڪارڪن وڏي تعداد ۾ پهتل آهن آصف علي زرداري جلسي ۾ وينل ماڻهن کي خطاب ڪيو آصف علي زرداري جي آمد آمد جي موقعي تي سڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا آهن ان موقعي تي سردار علي گوهر خان مهر چيو ته آصف علي زرداري لڙي آيو ان سان ڪوئي حساب ناهي اسان وٽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو به آيا هئا گهوٽڪي ضلعي اندر زرداري صاحب جي اچڻ سان ضلعو پ پ جو ٿي ويو زرداري صاحب اسان وٽ اچي اسان کي مان بخشيو آهي، هن وڌيڪ چيو ته ڪراچي ڪانپوءِ اسان جو ٻيو نمبر سڀ کان وڌيڪ گيس ڏي ٿو، 1954 ۾ پهريون گيس جو کوهه نڪتو پر اسان جو ضلعو پوئتي آهي ملي پر ماڻهو امن خراب ڪن ٿا، جهيڙيندڙن ڌرين جرڳن وسيلي ناهه ڪري سگهنديون گذارش ڪبي ته ڪچي ۽ پڪي ۾ اسڪول ناهي تعليم عام ڪئي وڃي اسان جي ٽروارن علائقن ۾ ڊيم ناهيا وڃن ته ڏڪار ختم ٿي ويندو، ان موقعي تي اڳوڻي صدر آصف علي زرداري خطاب ڪندي چيو ته اسان عمران کي ان ڪري ڌهنايو ته اسان کي پاور گهرجي اسان کي ملڪ جي ترقي گهرجي ان کان ملڪ جي ترقي نٿي تمام جلد روهڙي ڪينال ۾ لائينگ ڪرائيندا سين رڳو افسوس ذهجڻ گهرجي عملي ڪم بهجي هن وڌيڪ چيو ته فلسطين ۾ ظلم ٿي رهيو آهي افسوس جو اسان اهو ناهيون ڪري سگهيا جيڪو ڪرڻ گهرجي اسين سڀ ڪجهه ڪري سگهون ٿا، اسان سمنڊ مان ٻارٻين روپيه ڪمائي سگهون ٿا اسين هميشه عوام جي نوڪري ڪئي آهي، پاڪ خدمت قبول ڪندو مارشلا لڳائڻ هن دور ۾ مشڪل آهي سوشل ميڊيا جو دور آهي مون سڀ شئي پريڪٽيڪل ڪئي آهي جيڪي مقابلو ڪرڻ چاهين ٿا اهي ميدان تي اچن آئون پنهنجي جيالن جي ڪري ملڪ مان ٻاهر نٿو وڃي سگهان دنيا جي کهڙي به سياست هجي پر اسان جي سياست عوام جي سياست آهي اسان شهيد محترمه کي دفنائي بچيو ڌاسان کي پاڪستان کپي دنيا ۾ مسلمانن سان ڇا ٿي رهيو هو اسان مذمت ڪئي، پاڪستان هن وقت معاشي طرح ڪمزور ٿي رهيو آهي اسين جڏهن به ڳالهه ڪئي آهي اها ملڪ جي مفاد ۾ ڪئي آهي، پاڪستان کي سنڌ ناهيو ۽ سنڌ ٿي پاڪستان کي بچائيندو اوهان مونسان گڏ بيٺل آهيو آئون انهن سامهون بيٺل آهيان..

بقايا ❊❊❊ 04

قانون ڏسن جيڪي گذريل حڪومتن پاس ڪيا هئا، هن چيو ته نگران حڪومت جي قانون سازي تي ڪابينا ڪميٽي جوڙڻ آئين جي خلاف آهي، رضا رباني وڌيڪ چيو ته نگران حڪومت ان قدم ذريعي سپريم ڪورٽ ۽ پارليامينٽ کي بلڊوز ڪندي، اجلاس دوران پارلياماني معاملن واري نگران وزير مرتضيٰ سولنگي چيو ته ڪابينا ڪميٽي رولز آف بزنس تحت ناهي وئي آهي، هي ڪميٽي قانون سازي لاءِ ناهي، ان جو تعلق قاعدن ناهڻ سان آهي هن چيو ته آرڊيننس آڻڻ حڪومت جو اختيار آهي، ايمرجنسي قانون سازي جي اجازت آهي، هو جيڪا قانون سازي چاهين ٿا اهو آئين ۽ قانون کان مٿانهون نه هجڻ گهرجي.

بقايا ❊❊❊ 05

آهي جنهن ۾ چئني صوبن، آزاد جمون ۽ ڪشمير، گلگت بلتستان ۽ اقليتن جي نمائندگي شامل آهي. سينيٽر عرفان صديقي کي منشور ڪميٽي جو چيئرمين بڻايو ويو آهي، جڏهن ته احسن اقبال، پرويز رشيد، سعد رفيق، اعظم نذير تارڙ، خرم دستگير، احسان افضل، رائو اجمل، رياض الحق، سينيٽر مصدق ملڪ، بئريسٽر ظفرالله، ڊاڪٽر طارق فضل شامل آهن، منشور ڪميٽي ۾ پير صابر شاهه، اختر ولي، خلداس ڪوهستاني ۽ بشير ميمڻ شامل آهن اُن کان علاوه منشور ڪميٽي ۾ راحيلا دراني، عظميٰ بخاري، ناصر محمود، ڪامران مائيڪل، نزهت صادق، رانا مشهود، گلگت بلتستان مان حافظ حفيظ الرحمان، آزاد جمون ۽ ڪشمير مان شاهه غلام قادر، ڊاڪٽر افنان الله، بئريسٽر امجد علي شامل آهن سلميٰ بٽ، عاشق ڪرماڻي، راحيلا خادم حسين، رانا سڪندر حيات، مريم اورنگزيب بلال اظهر ڪياني، علي پرويز ملڪ ۽ شازا فاطمه به منشور ۾ شامل آهن.

بقايا ❊❊❊ 06

پوليو مهم سنڌ جي سمورن شهرن ۽ ضلعن ۾ جاري آهي. ان سلسلي ۾ ڊي سي سائوٿ ڪراچي ڪيپٽن (ر) الطاف حسين ساريو جي هدايتن تي پوليو مهم جي ٻئي ڏينهن به اڄ پنجن سالن تائين جي ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ جو سلسلو جاري آهي. ڏکڻ ڪراچي جي مختلف سب ڊويزنن ۽ يوسيز ۾ قائم مسجدن ۾ اعلانن جي ذريعي پوليو مهم بابت آگاهي ڏيڻ شروعات ڪئي وئي. ڏکڻ ڪراچي جي مختلف سب ڊويزن/ يوسي سيز ۾ پوليو ٽيمن سميت اسسٽنٽ ڪمشنر، ميڊيڪل آفيسرن جي نگراني ۾ پنجن سالن تائين جي ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ جو سلسلو جاري آهي. ڊي سي سائوٿ ڪراچي جي سمورن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ هر قسم جي سهڪار کي يقيني بڻايو وڃي ڊي سي ڏکڻ وڌيڪ چيو ته ان ڳالهه کي به يقيني بڻايو وڃي ته ڪراچي کان نڪرندڙ ريل گاڏين ۾ سفر ڪندڙ پنجن سالن تائين جي ٻارن کي ريلوي اسٽيشن تي پوليو جا ڦڙا پڻ پيارايا وڃن

تصور_پسنديت کان مارڪسزم تائين

ڊاڪٽر محمد الياس پتو

تصور_پسنديت (Idealism)جي باني (Socrates)۽ ان جي حامين ذهني سوچ، شعور ۽ تخيل کي دنيا ۽ ڪائنات کي سمجهڻ ۾ وڏي وٿ ڄاتو. انهن روح، خدا ۽ مذهب کي سمجهڻ ۽ انهن جي ترويج کي ترجيح ڏني جيڪا نهايت بهتر ڳالهه هئي، پر انهن سکيا، سمجهه ۽ شعور جي پٺي ۽ وڏي ذريعي يعني حواسي مشاهدي ۽ مشاهداتي استدلال کي بلڪل نظرانداز ڪري وڏي غلطي ڪئي. اهي تصور ۽ خيال جي حمايت ۾ ان انتها پسندي تائين وڃي پهتا جو انهن ذهن کان ٻاهر مادي دنيا جي آزاد وجود کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو! ان باوجود علم حاصل ڪرڻ ۽ سچائي، تائين پهچڻ جي سقراطي طريقي (Dialectical Method)يعني اڻ ڏرين سوالن جوابن واري طريقي جي ايجاد نهايت شاندار هئي. سوالن جوابن کان اڳ ۾ سقراط چوندو هو ته شين، تصورن ۽ لقائن جي معروضي يا بحث ۾ شامل ٿيندڙ ٻنهي ڌرين لاءِ مڃڻ جهڙي (Objective)وصف يا وضاحت ڪرڻ لازمي آهي. اهڙي وضاحت بعد ئي ڪو تصور بحث لاءِ پيش ڪيو ويندو هو ان کان پوءِ سقراط ان جي مختلف تناظرن ۽ پهلوئن کان پڇندڙ کان سوال ڪندو هو نتيجي ۾ سچائي تائين پهچڻ جو خواهشمند سوالن ۽ جوابن جي بنياد تي پنهنجي تصور ۾ تبديلي ڪندو هو ۽ آخرڪار موزون جواب تائين پهندو هو جيڪو سندس پهرئين تصور کان بلڪل مختلف هوندو هو سقراطي طريقي جو اختصار: تصور + (Thesis)رد تصور = (Anti_thesis) نئون، تبديل ٿيل ۽ بهتر تصور .(Synthesis)سندس انصاف ۽ سياست بابت بحث مباحثي تي ٻڌل ڪتاب جيڪي بعد ۾ سندس شاگرد افلاطون (Plato)مرتب ڪيا، اهي اڄ به شاهڪار جي حيثيت رکن ٿا.

تصور_پسنديت جي مقابلي ۾ عقليت يا حقيقت_پسنديت (Realism)جو فلسفو ته علمي ميدان تي آيو پر آخر تائين هڪ چنگهه کان متبو ٿي رهيو! حقيقت_پسنديت جي باني (Aristotle)۽ ان جي حامين ان ڳالهه جو برملا اقرار ۽ اظهار ڪيو ته مادو ۽ ڪائنات انساني ذهن کان ٻاهر الڳ ۽ آزاد وجود رکن ٿا ۽ شين ۽ فطري لقائن کي حواسي مشاهدي ۽ مشاهداتي استدلال وسيلي سمجهي سگهجي ٿو ۽ اصل حقيقت يا سچائي تائين پهچي سگهجي ٿو ارسطو (Aristotle)جيتوڻيڪ اڻ ڏرين حواسي مشاهدن جي بنياد تي مختلف مضمونن تي 150 کان وڌيڪ ڪتاب لکيا جن اڳتي هلي جديد سائنس جو بنياد وڌو، پر پوءِ به ارسطو جو جوڙيل مشاهداتي منطق 2000 سالن تائين يورپ ۾ علم، فلسفي ۽ سائنس جي ترقيءَ ۾ جمود ۽ رڪاوٽ جو سبب بڻيو سندس منطق کي ته_پسائون منطق (Syllogism)چئبو آهي. ارسطو مطابق هن جو سادو مثال هي آهي: 1. سڀ انسان فاني آهن. 2. سقراط هڪ انسان آهي. 3. ان ڪري سقراط فاني آهي. ارسطو هن منطق کي جيتوڻيڪ مشاهداتي استدلال (Inductive Reasoning)ڪوٺيو پر اها سندس عظيم غلطي هئي ڇو ته اهو اصول جي بنياد تي استدلال (Deductive Reasoning)هو سندس استدلال ۾ پهريون اصول يا ٿلهه مشاهداتي ناهي پر اڻ پرکيل اصول آهي. جيڪڏهن پهريون اصول ئي غلط هوندو ته ان تحت هٽ ۾ ڪنيل پٺين تصور جي پرک ۽ آخري نتيجو پڻ غلط ٿي نڪرڻو آهي. هن استدلال جو گهڻي ۾ گهڻو فائدو مذهبي ڌرين ورتو ۽ اڄ تائين ڪافي خطن ۾ فائدو وٺي رهيا آهن ڇو ته انهن مطابق پهريون اصول الهامي يا خدا طرفان طئي ٿيل هوندو آهي، ان ڪري ان جي غلط هجڻ جو ڪوبه مذهبي ماڻهو تصور به نٿو ڪري سگهي!

مٿئين جمود واري عرصي ۾ هڪ پاسي عربستان ۾ اسلام جي اثر هيٺ دنياوي علم حاصل ڪرڻ لاءِ دنيا جهان جو سير ڪرڻ، اڻ ڏٺا مشاهدا ڪرڻ، غور فڪر ڪرڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ، مراقبو ڪرڻ، تاريخ مان سبق پرائڻ يعني قومن جي عروج ۽ زوال مان سکڻ وغيره جهڙن روين پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي فروغ ڏيڻ سان ان خطي ۾ دنيا ۾ مشاهداتي علم يا سائنس جي ابتدا ۽ ترقيءَ جو سونهري دور برپا ٿيو هن دور کي تاريخ جو وچيون دور (Medieval Period)چيو وڃي ٿو جيڪو 500ع کان 1500ع تائين جاري رهيو هن سونهري دور ۾ ڪيترن ئي مسلمان دانشورن ۽ سائنسدانن ارسطو جي حواسي مشاهدن ۽ تجربن وسيلي پروسي لائق علم جي پيروي ۾ سائنسي سوچ ۽ عمل کي فروغ ڏنو جڏهن ته يورپ ۾ عين اهو دور علم ۽ تحقيق جي حوالي سان اونداهو دور ليکيو ويندو آهي. هن دور جي نامور مسلمان دانشورن ۾ ابن الهيثم، ابن الرشد، الفارابي، ابن السينا، ابن الخلدون، جابر ابن الحيان ۽ ڪيترن ئي ٻين دانشورن، فلسفين ۽ سائنسدانن فلسفي، حسابن، فلڪيات، فزڪس، طب ۽ ڪيميا ۾ شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون. اهي ڪيترن ئي شعبن جا باني بڻيا ۽ انهن توڙي ٻين شعبن ۾ ڪيترين ئي ايجادون ۽ دريافتون ڪيون. مسلمانن جو هي علمي دور نام نهاد مذهبي عالمن ۽ حڪمرانن طرفان سائنس ۽ مذهب سان ٽڪراءَ جي بي بنياد الزامن جي ڪري اختتام تي پهتو تنگ نظر عرب خليفن هن سلسلي ۾ دنياوي علم ۽ سائنس کي غير مذهبي قرار ڏنو ۽ ان الزام هيٺ ڪيترن ئي مسلمان محققن ۽ سائنسدانن کي سخت سزائون ڏنيون ويون.

ٻئي پاسي مسلمانن جي اسپين فتح ڪرڻ جي ڪري مشاهداتي ۽ سائنسي علم يورپ ۾ پهتو ۽ اتي علم ۽ شعور جون صدائون بلند ٿيڻ لڳيون ۽ عيسائيت ۽ چرچ خلاف بغاوتون شروع ٿيڻ لڳيون. فلسفي جي لحاظ کان ٻنهي پاسن کان صفبنديون ٿي ويون. هڪ پاسي عيسائي پادري چرچ جي حڪومت جي سهاري پنهنجي مذهب کي سچو ۽ الهامي ثابت ڪرڻ ۾ لڳي ويا ۽ حواسي مشاهدي جي بنياد تي پيش ڪيل ۽ مذهب کان هٽ ٿيل تصور ۽ ان جي پيش ڪندڙ فلسفين يا ڏاهن کي عبرتناڪ سزائون ڏياريندا رهيا. ٻئي پاسي ڪيترن ئي ڏاهپ ۽ سچ جي پروانن سچ جي آڳ ۾ جلڻ ته پسند ڪيو پئي پر ڪوڙ ۽ ڏاڍ جي ڏمر آڏو جهڪڻ پسند نه پئي ڪيو انهن انتهائي حالتن ۾ اريسمس (Erasmus)۽ ٿامس مور (Thomas More)انساني صلاحيتن، روايتي سکيا ۽ تنقيدي سوچ جي آبياري ڪئي: ڊيڪارٽي (Descartes)، اسپائينوزا (Spinoza)۽ ليبنيز (Leibniz)ذهني ۽ عقلي استدلال ۽ منطق تي زور ڏنو: جڏهن ته فرانسس بيڪن (Francis Bacon)، جان لاڪ (John Locke)۽ ڊيوڊ هيوم (David Hume)حواسي ۽ مشاهداتي استدلال /Inductive) (Observatory Reasoning)تي زور ڏنو ۽ باقائده سائنس جو بنياد وڌو ۽ ان کي هر عقلي علم مٿان فوقيت ڏياري. 17 اهين ۽ 18 اهين صدي جي يورپي ڏاهن وولٽيئر (Voltaire)، مونٽيسڪيو (Montesquieu)۽ روسو (Rousseau)دليلن جي بنياد تي انفرادي حقن، خيال توڙي تقرير ۽ تحرير جي آزادي ۽ سماجي ترقي لاءِ پاڻ پتوڙيو: اميئنيوئل ڪانٽ (Immanuel Kant) انساني ذهن ۽ علم جي محدوديت جي بنياد تي عقلي ۽ مشاهداتي منطق جي وچولي کي ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي. مٿين ڏاهن جي علمي، ادبي ۽ فلسفيانه پورهين ۽ قربانين جي نتيجي ۾ يورپ جهالت جي تاريڪ دور ۽ مذهبي استحصال مان جان ڇڏائي نئين سر جنم ورتو جنهن کي يورپ جو نئون جنم (Renaissance)چيو وڃي ٿو

علمي، عقلي ۽ فلسفيانه چڪ چڪان ۾ فلسفن جو اڻ تعداد يا ٿورو گهڻ باقي فلسفن جي رد ۾ جوڙيل ۽ مخالف چيزي جي انتها تي بيٺل آهي. تصور_پسنديت ۽ حقيقت_پسنديت جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. ثباتيت (Perinealism)جا باني ۽ ان جا حامي تصورن، لقائن، اخلاقن ۽ شين جي دائمي هجڻ جي پرچار ڪن ٿا. جڏهن ته اهي ڪائنات جي هر ننڍي توڙي وڏي شيءِ ۾ تعمير ۽ تخريب، تغير ۽ تبديلي کي ڏسڻ کان غافل رهيا. ان جي مقابلي ۾ ارتقا (Evolution)جو فلسفو ۽ نظريو جاندار توڙي غير جاندار شين جي هڪ ماخذ مان ڦٽي نڪرڻ جو تصور پيش ڪري ٿو هي فلسفو اسان کي ٻڌائي ٿو ته دنيا ۽ ڪائنات جي شين ۽ لقائن جي اندروني ۽ بيروني تضادن جي توازن ۾ تبديلي ۽ بگاڙ انهن ۾ نئين توازن کي جنم ڏئي ٿو جنهن جي ڪري شيون ۽ لقاءَ تبديل ٿيندا رهندا آهن: ٻين لفظن ۾ تعمير ۽ تخريب جا عمل سڀني جاندار توڙي غير جاندار شين ۾ جاري رهن ٿا.

مارڪسزم (Marxism)جو فلسفو پڻ ارتقا ۽ ان جي مٿين اصولن سان لاڳاپيل فلسفو آهي. هي فلسفو ارتقا جا اصول انسانن ۽ انساني سماج تي پڻ ساڳيءَ ريت لاڳو ڪري ٿو مارڪسزم مطابق انساني سماج يا سماجي ادارا ٻن طبقن تي مشتمل آهن: هڪڙو سرمائيدار طبقو آهي جيڪو ظالم، استحصال ڪندڙ غالب طبقو آهي ته ٻيو وري مزدور، مظلوم، محڪوم ۽ ذتزيل طبقو آهي. ظالم ۽ سرمائيدار طبقو مزدورن جي انساني محنت ۽ پورهئي جي ثمر اجرت ۽ منافعي جو تمام وڏو حصو پاڻ ڪٽي پنهنجي زندگي کي هر آسائش سان ڀرپور ۽ جنت بڻائي عيش پيو ڪندو آهي. ٻئي پاسي مظلوم ۽ ذتزيل مزدور طبقو سرمائيدار طبقي جي شعوري ۽ لڪل ظالمانه پاليسين سبب گهٽ اجرت ملڻ سبب پيٽ ۾ ڦاٽل رهندو آهي ۽ سندن زندگي عذاب بڻيل ۽ بڻايل هوندي آهي. مارڪس ۽ لينن جو خيال هو ته مظلوم طبقو (Prolitarats)جڏهن پاڻ تي ٿيندڙ ظلمن جو شعور پيدا ڪندو ۽ تنقيدي سوچ، شعور ۽ تعليم جي زيور سان آراسته ٿي پاڻ ۾ اتحاد قائم ڪندو ته ظالم طبقي (Bourgeoisie)جو انت آڻي ڇڏيندو ۽ سماجي انقلاب برپا ڪري ڇڏيندو باقي مارڪس ۽ لينن جو هي خواب ته ملڪ توڙي دنيا ۾ اهڙي انقلاب بدولت غير طبقاتي سماج جڙي سگهندو جتي نه ڪو مالڪ هوندو نه ڪو نوڪر هوندو سندن خام خيالي هئي!

بقايا ❊❊❊ 07

غير مقبوليت سان پريشان آهي، هن چيو ته پ پ خلاف اتحاد ڪا نئين ڳالهه ناهي، پ پ خلاف اتحاد ناهيندڙ پ پ جي مقبوليت کان ڊڄي رهيا آهن.

بقايا ❊❊❊ 08

ٿي مڪمل امن بحال ٿيندو. بلاول ڀٽو زرداري ڊيرا اسماعيل خان ۾ دهشتگردي جي مذمت ڪندي متاثر خاندانن سان تعزيت جو اظهار ڪيو. هڪ بيان ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته دهشتگردن جي خاتمي لاءِ نيشنل ايڪشن پلان تي عمل ڪيو وڃي، هن اهو به چيو ته رياست جي رٽ کي چيلينج ڪندڙ ڏوهاري ناقابل معافي آهن.

بقايا ❊❊❊ 09

امام بخش ميهار جلباڻي ۽ سڄاول جلباڻي جي چاليهي جي موقعي تي ايس يو پي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه. شهيدن جي وارثن ۽ شهيدن جي معصوم ٻارڙن سميت ٻين ٻاران شهيدن جي آخري آرام گاهه تي گلن جون چادرون چاڙهي دعا گهري وئي. شهيدن جي چاليهي جي موقعي تي قرآن خواني ڪرائي ايصال ثواب لاءِ خيرات پڻ ڪئي وئي ان موقعي تي ايس يو پي جي سيد زين شاهه چيو ته شهيد ڳوٺاڻا بيگناهه هيا ۽ هي وڏو ڏکائيندڙ واقعو هيو ۽ ان واقعي تي سموري سنڌ ڏکاري هئي ان واقعي ۾ رياست اتوال هئي پر نگران حڪومت پنهنجي غلطي تسليم ڪري شهيدن جي وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ شهيدن جي وارثن جي مالي مدد ڪئي ادارن کي گهرجي جيڪي به سنڌن اهلڪار واقعي ۾ ملوث آهن انهن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻين جئين اڳتي اهڙا واقعا نه ٿين.

بقايا ❊❊❊ 10

حملي دوران فائرنگ جي ڏي وٺ دوران ڊيوٽي تي مقرر 2 پوليس اهلڪار شهيد ۽ 3 زخمي ٿي پيا جن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي هڪ اهلڪار جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي، ڊي ايس پي ٻڌايو ته حفاظت جي لاءِ ڪمپني ڪيمپ تي پوليس نفري مقرر ڪئي وئي هئي. واقعي کان پوءِ واقعي واري هنڌ وڌيڪ پوليس جي نفري پهچي وئي آهي. جوابدارن جي ڳولا لاءِ آپريشن جو سلسلو جاري آهي. شهيد ٿيل پوليس اهلڪارن ۾ عارف ۽ رحمت علي شامل آهن جڏهن ته زخمي اهلڪارن ۾ اي ايس آءِ عالم شير، فضل شاهه ۽ عطاءالرحمان شامل جن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا ❊❊❊ 11

هو فون ڪندو ته هليو ويندو. ڪراچي جي احتساب عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي شاهد خاقان عباسي چيو ته نيب ڪانسواءِ حڪومتي نظام نٿو هلي سگهي. هي واحد ادارو آهي جنهن جو مقصد رڳو سياستدانن جو احتساب ڪرڻ آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ شاهد خاقان چيو ته هن پارٽي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي. هو ڪنهن به مشاورت ۾ حصو نه ٿو وٺي. سندس نوازشريف سان ذاتي تعلق آهي. جيڪڏهن هو ڪيس سڏيندو ته هو هليو ويندو.

بقايا ❊❊❊ 12

۽ دودو شر جي ڌرين هڪ ٻئي تي فائرنگ ڪري ڏني، گوليون لڳڻ سبب دودو شر ڌر جا 2 سڳا ڀائر دودو شر ۽ وحيد شر مارجي ويا. پوليس ذريعن موجب ٻنهي ڌرين وچ ۾ سگاوتي تڪرار تان ٽمو شر واري ڌر جو هڪ ڇڏو مزاري شر مارجي ويو هو دودو شر واري ڌر علائقي مان لڏي وئي هئي. ناهه ڪانپوءِ دودو شر وارا علائقي ۾ واپس آيا ته ٻيهر ڇڪتاڻ وڌي وئي ۽ جهيڙو ٿيو. پوليس مارجي ويل ٻنهي ڀائرن جا لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيا

بقايا ❊❊❊ 13

نائب صدر مقرر ڪيو ويو آهي نون ليگ طرفان مقررين جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو. ايف آءِ اي جي اڳوڻي ڊي جي بشير ميمڻ هلندڙ سال سيپٽمبر ۾ نون ليگ ۾ شموليت اختيار ڪئي هئي. بشير ميمڻ کي نوازشريف جي وطن واپسيءَ تي آجيان ڪندڙ ڪميٽي جو ڪنوينر به مقرر ڪيو ويو هو. ٻئي پاسي خالد مقبول صديقي جي اڳواڻي ۾ ايم ڪيو ايم جو وفد نواز شريف سان ملاقات لاءِ نون ليگ جي مرڪزي سيڪريٽريٽ پهچي ويو نون ليگ جي صدر شهباز شريف ۽ ٻين ٻاران ايم ڪيو ايم جي وفد جي آجيان. نوازشريف سان ملاقات ڪندڙ وفد ۾ فاروق ستار ۽ مصطفيٰ ڪمال به شامل هئا. نواز شريف سان ايم ڪيو ايم وفد جي ملاقات دوران عام چونڊن، سنڌ ۾ چونڊ اتحاد ناهڻ ۽ ٻين اهم معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ٿيڻ جا امڪان آهن

بقايا ❊❊❊ 14

بم ڊسپوزل اسڪواڊ ڌماڪيدار مواد کي ناڪارا بڻائي ڇڏيو، اطلاع تي پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي ۽ علائقي جي ناڪابندي ڪئي وئي، اطلاعن موجب شڪي ٿيلهو اڊيالا جيل جي گيٽ نمبر 5 سامهون ويران علائقي مان برآمد ٿيو. شڪي ٿيلهي کي اڊيالا جيل ٻاهران کليل جاءِ تي رکيو ويو هو واضح رهي ته اڳوڻو وزيراعظم عمران خان هن وقت اڊيالا جيل ۾ قيد آهي، ان سان گڏوگڏ اڳوڻو پرڏيهي وزير شاهه محمود قريشي پڻ اڊيالا جيل ۾ قيد آهي.

بقايا ❊❊❊ 15

۽ ناڻي واري وزارت جي اختيارين جو اجلاس ٿيو جنهن دوران ٽيوب ويل سولرائيزيشن اسڪيم کي هلندڙ مالي سال شروع ڪرڻ تي ڳالهيون ڪيون ويون ذريعن موجب آءِ ايم ايف پاڪستان جي زرعي شعبي جي لاءِ سولرائيزيشن جو نظام متعارف ڪرائڻ جو چيو آهي ۽ ٽيوب ويل صارفين لاءِ بجيت سبسڊي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته 90 ارب روپين ۾ 30 ارب وفاق، 30 ارب صوبا ۽ 30 ارب ٽيوب ويل صارفين ڏيندا. ذريعن ٻڌايو آهي ته اسڪيم تي عمل ڪرڻ سان ايندڙ مالي سال جي بجيت ۾ ٽيوب ويلز صارفين کي بجلي جي استعمال جي مد ۾ سبسڊي نه ڏيڻ جو به چيو ويو آهي. ذريعن موجب اجلاس ۾ آءِ ايم ايف کي ٻڌايو ويو آهي ته ڪاسٽ ريڪورنگ ٽيرف بهتري لاءِ نيپرا ته ماهي ايڊجسٽمينٽس فيول پرائس ايڊجسٽمينٽس وقت تي نوٽيفڪيشن ڪري رهيو آهي. ذريعن موجب آءِ ايم ايف ڊسڪوز، توانائي واري وزارت ۽ نيپرا وچ ۾ تعاون ۽ فيصلن تي جلد عمل ڪرڻ جي به هدايت ڪئي آهي. اجلاس ۾ آءِ ايم ايف پاڪستان کان ڊالر جي مقابلي ۾ روپئي جي قيمت ۾ اضافي جا تفصيل گهري ورتا جڏهن ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ايڪسچينج ڪمپنين خلاف ڪارروائي جا تفصيل ڏيڻ جو به مطالبو ڪيو ويو آهي. ذريعن ٻڌايو آهي ته پاڪستاني اختيارين طرفان آءِ ايم ايف اختيارين کي ٻڌايو ويو آهي ته آءِ ايم ايف شرطن جي تحت اسٽيٽ بينڪ مارڪيٽ. بيسڊ ايڪسچينج ريٽ تي مڪمل عمل ڪيو ويو آهي. ناڻي واري وزارت جو موقف هو ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪارروائي سان مصنوعي طور تي روپئي جي قيمت ۾ اضافو نه ٿيو آهي. اسمگلنگ ۽ غيرقانوني طور تي رهندڙ ماڻهن جي خلاف ڪارروائي سان ڊالر ريٽ ڪريو آهي. ذريعن ٻڌايو آهي ته گذريل ٽن مهينن دوران ان فلو وڌيو جنهن سان ڊالر جو ريٽ گهٽ ٿيو ان دوران حڪومت ڪيترين ئي ادائيگيون به ڪيون آهن. ٽيڪنيڪي ڳالهين ۾ اسٽيٽ بينڪ اختيارين آءِ ايم ايف کي وڌيڪ تفصيل به ڏيندو.

بقايا ❊❊❊ 16

سلامتي جي حوالي سان آهي جيڪي آمريڪا منتقل ٿيڻ جا خواهشمند به آهن انهن جي سلامتي ۽ ڀيهر بحالي پاڪستان ۽ آمريڪا ٻنهي جي مفاد ۾ آهي. آمريڪي سفارتخاني جي ترجمان جونائن اماڻيل هڪ سوالنامي جي جواب ۾ چيو آهي ته پاڪستان جي حڪومت افغان شهرين جي جبري بيدخلي جي منصوبي تي عمل ڪري رهي آهي جنهن وٽ پاڪستان ۾ رهڻ جو قانوني جواز نه آهي پر ڊيڊ لائن جي خاتمي کان ڪجهه اڳ ۽ بعد ۾ آمريڪي سفير بلوم نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ ۽ نگران پرڏيهي وزير جليل عباس جيلاني سان رابطا پڻ ڪيا آهن. آمريڪي اندازي موجب 25 هزار افغان پناهگير آمريڪي اميگريشن ۽ اتان ڀيهر بحالي جا مستحق آهن انهن ۾ مختلف ڪيٽيگري جا ماڻهو به شامل آهن انهن ۾ پناهه جا طلبگار آمريڪي شهري ۽ انهن جا خاندان به شامل آهن جڏهن ته ان حوالي سان پاڪستان جي حڪومت سان هڪ فهرست به شيئر ڪئي وئي آهي.

بقايا ❊❊❊ 17

ٻاران ريجن جي شهرن ۾ لاڳيتو احتجاج جاري رکيو ويندو. 20 ڏينهن اندر ڪراچي وزير اعليٰ هائوس آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو. ان کان اڳ پي ايف يو جي، جي مرڪزي اڳواڻ افضل بٽ، سيڪريٽري جنرل ارشد انصاري جي اڳواڻي ۾ اسلام آباد کان لانگ مارچ شروع ڪيو ويندو، جنهن جو ٻاهوڙو ۾ استقبال ڪرڻ بعد لانگ مارچ سنڌ جي مختلف شهرن کان ٿيندو حيدرآباد پهچندو ۽ حيدرآباد کان ڪراچي تائين لانگ مارچ ڪري سي ايم هائوس آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو، جنهن ۾ ملڪ جا صحافي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندا. احتجاج ۾ شهيد جان محمد مهر جي ڀاءُ ڪرم الله مهر، پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شهزاد تاباڻي، جاويد جتوئي، خالد ڀانبڻ، سليم سهتو، جلال الدين ڀيو، عمر سومرو، سحرش ڪوکر، آصف لوڌي، محمد رضوان صديقي، يار محمد سومرو، جهانزيب وسير، فاروق سومرو، ڪامران شيخ، مجيب ورندا، اسحاق ڪوسو، عنايت پٽي، مختيار شامي، عبدالغفور شيخ ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اڳواڻن چيو ته 86 ڏينهن ٿي ويا آهن پر شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتار نه ڪيو ويو آهي، سکر پوليس مسلسل لارا لپا ڏيندي رهي آهي هاڻي رڳو سهولت ڪارڻ جي گرفتاري مان ڪم نه هلندو پوليس جي اهڙي عمل تي صحافي برادري ۽ شهيد جي وارثن ۾ شديد ڪاوڙ آهي اسان واضح ٿا ڪريون ته جيستائين شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي احتجاجي تحريڪ جاري رهندي، ان موقعي تي قاضي ضياءِ الرحمان، فرقان ڪوسو، فضل الرحمان قريشي، بابر ڪوکر، محمد علي سولنگي، مرتضيٰ سميجو، سڄاول سومرو، نعيم غوري، محمد اسلم ڏاير، شاهه ولي، ناصر جعفري، سڄاد سنجراڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي، جڏهن ته يڪجهتي طور ڊاڪٽر نذير ڪوکر، مخدوم بلاول، ڪيول رام ۽ ٻين شرڪت ڪري سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا ❊❊❊ 18

ويا آهن. هن چيو ته "ڪيفي ڪلچر" ۽ "لوڪ اسٽوڊيو" کي پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ٽوئرزم اينڊ هوٽل مئنيجمينٽ (پاٿم) جي عمارت ۾ پهرين واري جاءِ تي ئي بحال ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته "ڪيفي ڪلچر" جي بحالي سان مشهور شخصيتن، فنڪارن ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جا انٽرويوز ۽ ميوزڪ پروگرام ٻيهر آن لائن پليٽ فارم تي نشر ٿيڻ شروع ٿي ويندا. جڏهن ته "لوڪ اسٽوڊيو" جي مدد سان لوڪ ڪهاڻيون، ڪلاسيڪل شاعري، روايتي موسيقيءَ کي محفوظ ڪرڻ جو سلسلو پڻ جاري رکيو ويندو. ٻنهين پليٽ فارمز کي ڊجيٽل ٽيڪنالاجي جي مدد سان سڌو سنئون ڏسڻ لاءِ آن لائن اسٽريمنگ ذريعي دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ ڪنهن به وقت لائيو ڏسڻ ممڪن هوندو سيڪريٽري ثقافت سنڌ عبدالعليم لاشاري وڌيڪ چيو آهي ته "ڪيفي ڪلچر" ۽ "لوڪ اسٽوڊيو" ٻاران هاءِ ٽيڪ سهولتن جي مدد سان سائونڊ سسٽم سان گڏ رڪارڊنگ جي سهولت ۽ ڊجيٽل رڪارڊ محفوظ ڪرڻ لاءِ اپاءَ آئنده به جاري رهندا.

بقايا ❊❊❊ 19

سان گڏ پوليس موبائل ۽ فوڊ ٽيسٽنگ ليب پڻ گڏ هئي. سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم صفائي سٿرائي جي خراب صورتحال تي راشد سي فوڊ تي به لک روپين جو ڏنڊ لاڳو ڪيو. ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين سموري ڪارروائي جي نگراني پاڻ ڪئي ان موقعي تي ڳالهه ٻولهه ڪندي ڊائريڪٽر جنرل فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين چيو ته کائڻ پيئڻ جي شين جي ڪاروبار سان لاڳاپيل ماڻهو صفائي سٿرائي ۽ صحت جي حفاظتي اصولن جي پابندي ڪن. سنڌ فوڊ اٿارٽي صفائي سٿرائي ۽ حفاظتي صحت جي اصولن جي خلاف ورزي ڪرڻ وارن جي خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي ڪري رهي آهي.

بقايا ❊❊❊ 20

فلسطينين جي مدد جو سلسلو جاري آهي. پاڪستان مان غزه ۾ فلسطينين لاءِ امدادي سامان جي ٻي کيپ رواني ڪئي وئي آهي. نگران پرڏيهي وزير جليل عباس جيلاني امدادي سامان موڪلڻ جي تقريب سان خطاب ڪندي چيو ته اهو انساني همدردي جي بنياد تي موڪليو پيو وڃي. حڪومت 90 ٽن امدادي سامان موڪلي رهي آهي. هن چيو اسلامي دنيا کان مطالبو آهي ته فلسطينين کي انهن جو حق ڏياريو وڃي. اسان اڳ به فلسطينين سان گڏ هئاسين ۽ اڳتي به رهنداسين.

بقايا ❊❊❊ 21

کان وڌيڪ ماليت جي ملڪي ۽ پرڏيهي ڪرنسي هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي ڇاپو ڊپٽي ڊائريڪٽر ايف آءِ اي بينڪنگ سرڪل جي اڳوائيءَ ۾ هنيو ويو. هٿ ڪيل پرڏيهي ڪرنسي ۾ 46 هزار 370 آمريڪي ڊالر، 11 هزار 445 برطانوي پائونڊ ۽ 6 هزار 5 سئو يورو به شامل آهن جوابدار وٽان موبائيل فونز، هنڊي حوالا ڪاروبار جا رجسٽر ۽ ٻيو سامان به هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي ايف آءِ اي جي ترجمان موجب گرفتار ڪيل جوابدار جي نشاندهي تي ٻين جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ به ڇاپا هنيا پيا وڃن

بقايا ❊❊❊ 22

طبي امداد جي فراهمي لاءِ ڪراچي منتقل ڪيو ويو ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ بلوچستان مان آندل مريضن جو ڪُل انگ 11 ٿي ويو آهي. سنڌ جي صحت کاتي جي ترجمان موجب ڪوئيٽا سان واسطو رکندڙ ڪانگو بخار جي 11 مريضن کي آغا خان يونيورسٽي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، هن نشاندهي ڪئي ته اسپتال مرض جي سڃاڻپ لاءِ پنهنجي طريقي ڪار موجب عمل ڪري رهي آهي. وبا سبب ڪوئيٽا جي مختلف اسپتالن ۾ هراس پکڙجي ويو آهي، خاص طور تي بيمار ڊاڪٽر جي ڪراچي منتقلي دوران موت ڪانپوءِ ڪراچي ۾ به ڳڻتي وڌي وئي آهي. سنڌ جي صحت کاتي 8 بسترن تي ٻڌل سي سي ايڇ ايف آئسوليشن يونٽ قائم ڪيو آهي، جتي عملو 24 ڪلاڪ موجود رهندو، جڏهن ته ڪراچي ۾ اڃا تائين اهڙو ڪو ڪيس رپورٽ ناهي ٿيو

بقايا ❊❊❊ 23

نااهلي ختم نٿي سگهي. لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ صحافين سان ڳالهائيندي اعتزاز احسن چيو ته نواز شريف بادشاهه آهي. سڀ ان جي سامهون جهڪيل آهن. ترميم بنا سپريم ڪورٽ جي سزا ۾ رعايت نٿي سگهي. جنهن هاءِ ڪمشنر نواز شريف کي سي آف ڪيو ان خلاف ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. هڪ ڏوهاري کي پروٽوڪول ڏيڻ قانوني ڏوهه آهي. هن چيو ته افغان معاملي تي ڀيهر ڳالهائڻ جي ضرورت آهي ۽ قومي پاليسي جوڙي وڃي. سيني افغان پناهگيرن کي رجسٽرڊ ڪيو وڃي ۽ پاليسي ناهي وڃي. سندس وڌيڪ چوڻ هو ته پي ٽي آءِ چيئرمين ڪانسواءِ ڪا چونڊ نٿي ٿي سگهي.

بقايا ❊❊❊ 24

وي پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جو 100 انڊيڪس 362 پوائنٽس جي واڌ ڪانپوءِ 54 هزار 223 تي اچي ويو آهي ڪالهه ڪاروبار بند ٿيڻ تي 100 انڊيڪس 53 هزار 860 پوائنٽس تي بند ٿيو

بقايا ❊❊❊ 25

داخل ڪيو ويو آهي متاثر عورت جي فرياد تي عمر دراز، نديم ممتاز ۽ هڪ اڻڄاتل جوابدار خلاف اغوا ۽ جنسي زيادتي جو ڪيس داخل ڪيو ويو متاثر عورت جو چوڻ هو ته ڪجهه ڏينهن اڳ مڙس جي پگهار وٺڻ ويس ته فيڪٽري انتظاميه پگهار ڏيڻ کان جواب ڏيندي موٽائي ڇڏيو هن چيو ته عمر دراز قريشي فون ڪري چيو ته ڪوٽڙي جي هرڻ چوڪ تي اڄ ته توکي پگهار وٺرائي ڏيان عورت چيو ته هرڻ چوڪ تان جوابدار زبردستي ڪار ۾ ويهاري اڻڄاتل هنڌ ڪئي ويا. جتي عمر دراز زيادتي جو نشانو بڻايو متاثر عورت ڌانهيندي چيو ته مان ڌانهون ڪندي رهيس، جوابدار ڪي منٿون ڪيون پر هو زيادتي ڪندو رهيو. انصاف ڪيو وڃي

بقايا ❊❊❊ 26

ڪئي وئي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ايم پي او آرڊر خلاف پي ٽي آءِ اڳواڻ شهريار آفريدي ۽ شاندنا گلزار جي ڪيس جي ٻڌڻي تي جسٽس بابر ستار ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي ته ايڊيشنل اٽارني جنرل منور اقبال ڊوگل عدالت ۾ پيش ٿيو ايم پي او آرڊر بابت ڊي سي جي اختيارن تي ايڊيشنل اٽارني جنرل دليل ڏيندي چيو ته ايم پي او پهريون ڀيرو ڊسمبر 1960ع ۾ آيو ايم پي او پهريون ڀيرو اولهه پاڪستان ۾ لاڳو ڪيو ويو ايڊيشنل اٽارني جنرل چيو ته 5 جون 1962ع تي ان ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي وئي، جڏهن پهريون ڀيرو ايم پي او آيو ته اسلام آباد راڄڌاني نه هو ڪراچي راڄڌاني هو جڏهن پهريون ڀيرو ايم پي او جو آرڊر آيو عدالت ۾ جسٽس بابر ستار چيو ته توهان رڳو اسلام آباد جي حد تائين ڊي سي جي اختيارن بابت دليل ڏيو، ڏيکاريو ته ايم پي او آرڊيننس جا هو جڏهن گاديءَ جو هنڌ اسلام آباد ٿيو ايڊيشنل اٽارني جنرل چيو ته مون وٽ في الحال اهو رڪارڊ ناهي، مون قانون واري وزارت کي طلب ڪيو پر نه ملي سگهيو اسان جو خيال آهي ته جڏهن آرڊيننس آيو ته اسلام آباد راڄڌاني نه هو مون لاڳاپيل شق 8 پڙهيو جسٽس بابر ستار چيو ته سي ڊي اي قانون ۾ ڪٿي نه ڪٿي لکيل هوندو، اتي ڏسي سگهجي ٿو اسان کي ڏسڻو آهي ته وفاقي حڪومت ۾ ايم پي او ڪيئن لاڳو ٿيندو. ايڊيشنل اٽارني جنرل چيو ته 1967ع ۾ راڄڌاني اسلام آباد منتقل ڪيو ويو عدالت ۾ ايڊيشنل اٽارني جنرل منور اقبال ڊوگل جا دليل مڪمل ٿي ويا. جڏهن ته اسٽيٽ ڪائونسل ايندڙ ٻڌڻي تي دليل ڏيندو عدالت موجوده ڊپٽي ڪمشنر کي ايندڙ ٻڌڻي تي اختيارن جي ورڇ بابت دليل ڏيڻ جي هدايت ڪئي جسٽس بابر ستار ڪيس جي ٻڌڻي 21 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا ❊❊❊ 27

وڌيڪ تيز ٿيندو، پريس ڪانفرنس ڪندي جان اچڪزئي چيو ته دستاويز نه هجڻ تي 200 کان وڌيڪ پرڏيهين کي حراست ۾ ورتو ويو، جڏهن ته چمن بارڊر تان 66 هزار کان وڌيڪ پرڏيهين کي واپس موڪليو ويو آهي. هن چيو ته سڀني پرڏيهين کي عزت ۽ احترام سان واپس موڪليو پيو وڃي. غير قانوني طور رهندڙن کي هر صورت ۾ واپس وڃڻو پوندو. نگران وزير واضح ڪيو ته روانگي ۾ رنڊڪ وجهندڙن کي سختي سان منهن ڏنو ويندو، بلوچستان مان وڌيڪ هڪ کان ڏيڍ لک پرڏيهي واپس ويندا. ڪير خوش فهمي ۾ نه رهي ته اهو لڪي ويندو

صوفِي سالم سي ويا، جي اَڪثر سين اَڏيارَ؛
بازي بازِندن کي، آهي اَويسارَ؛
پِريا سين پهڪارَ، رِنديءَ رَساڻي ڪيا.

ڪوهه ڪارونجهر يا اڪ جو ڪندو؟

ڊاڪٽر قادر بخش مگسي

سنڌ جو سندر ۽ پيارو پهاڙ ڪارونجهر پنهنجي جاگرافيائي حُسن، نزاڪت ۽ ڏيک ويک سببان تاريخي حيثيت جو حامل جبل آهي، جنهن سان سنڌ جي تاريخ جون ڪئين ڪهاڻيون وابسته آهن. 144 ڪلوميٽرن جي ايراضيءَ تي پکڙيل هي پهاڙ، تاريخي عظمت سببان پنهنجن توڙي غيرن جي نظرن جو مرڪز بڻي رهيو آهي. هيءُ اهڙو پربت آهي، جنهن بابت ٻڌڻ لاءِ حيرت انگيز ۽ عجب ۾ وجهندڙ ڪيترين ئي ڪهاڻيون ڪارونجهر جي آس پاس جي عام ماڻهن جي دلين ۽ دماغن تي نقش ٿيل آهن. ڪارونجهر جي پر سان بيٺل ننگر جو شهر آهي، جنهن جي راهن تي ٽمن جي گهاٽي ڇانوَ سان گڏ ساڄي طرف پهاڙ جي اوچائيءَ تي انچلاسر آهي، جتي هڪ ننڍڙو مسافر خانو موجود آهي ۽ پر سان هڪ مندر آهي، جتي پوڄاري تپسيا لاءِ 108 ڏاڪا مٿي چڙهي اچي تپسيا ڪن ٿا، جنهن جي سر (تلاءَ) ۾ ٻارهوئي مهينا اُڪٽ پاڻي موجود هوندو آهي. هن مندر جي پر سان هڪ گول بيضوي شڪل جو گرو پڪو پٿر آهي، جنهن کي وچ ۾ هڪ سوراخ آهي. پوڄارين موجب انچلاڻ ۾ اندر پيهي پنهنجي تپسيا ڪندو هو. ڪارونجهر پهاڙ جي پاسي ۾ ننگر جو ننڍڙو پر من موهيندڙ ۽ دلربا شهر آهي، جنهن جي ساڄي هٽ تي سنڌ جي سُجيتُ سرواڻ جهان خان کوسي جي تربت آهي. هن تاريخ ساز شخصيت لاءِ شيخ اياز بي اختيار لکيو هو ته: "جهان خان کوسو اسان سان ريسٽ هائوس ۾ ملڻ لاءِ آيو هو جو مون کي جرمن ڊاڪٽر البرٽ شوائٽزر وانگي هڪ عظيم انسان ٿي لڳو منهنجي وس ۾ هجي ها ته آئون ڪيس مُئي کان پوءِ به پاڪستان جي اعليٰ اعزاز سان نوازيان ها".

ڪارونجهر ڏونگر جي وچ ۾ ساڙدرو مندر به آهي، جتي سال ۾ هڪ ڀيرو ميلو مچندو آهي. جتي ورهين جا وڇڙيل ۽ محبت جا ماريل ماڻهو اچي ملاقات ڪندا آهن. هتي مِرگهي ڪُن مشهور تيرٿ آهي ته اُن جي آس پاس گئو مُکي به آهي. پربت جي پوٺين ۾ پاين جو ڀيسٽو به آهي، ته اڳتي ڪاسبي جي جميل زرخيزي ۽ ڀول گڙو به آهي. ڏکڻ ۾ ڪجهه اورتي ڏونگر ۽ پوڏي سر به آهن. هتي اڏيگام به آهي ته آسٽلڙي به آهي. هتي چندن گڏ، موئڏرو، مٺو کارڙو ۽ گهر ٽرياڙي به آهي.

سنڌ جو هي سارو خطو من موهيندڙ مورن جي ٽهوڪن سان فطرت جو حسين و جميل علائقو آهي. هتي ننگر جي شهر جي پر ۾ گڏي تي سوڍن جو گهر به هو، جتي پارڪر جي جان نثار ڪولهين ۽ ڪنباريءَ ۾ جنم وٺندڙ رهبر روپلي جي ڪاتڻ جو ڌاڳ ڏسي جنرل ٽروٽ واءِ مينهُن جي رفتار سان پکوهو ۽ موت کان نجات پائڻ لاءِ ڪٿو ڪاٿي وڃي غدار لاڏي مينگهواڙ جي ماڻي جي اڏوڙ ۾ پناهگير ٿيو هو. هي ڏونگر ڪارونجهر ئي آهي، جنهن جي حُسن کي بيان ڪندي، ڪنهن نامعلوم شاعر جي شاعريءَ جا هي تاريخ ساز لفظ اڄ به ڪارونجهر جي ڪامڻين جي دلين تي وڏ ڦڙي وانگر وسندا رهن ٿا ته:

ڪارونجهر ني ڪورَ مرئين تان ملئين ناهين،
ماٿي ٿهوڪي مور، ڏونگر لاڳي ڏيٽو

(ڪارونجهر جي ڪورَ تي جڏهن مور ٿهوڪي ٿو تڏهن ڏونگر ڏيئو ٿي ٻري ٿو، تنهن ڪري تون اُن کي مرڻ ويل به وساري نه سگهندين.)

ڇا ته ڪارونجهر جي رعنائي، حُسن ۽ ڪشش آهي، ڇا ته دلڪشي، دلربائي ۽ جمال جو جهان آهي، جتي گوڙڏري ۽ پٽيائيءَ جون نئيون برسات جي پاڻيءَ سان وهي هلن ٿيون. اُتي ساري سماج جو معاشي نظارو ئي بدلجي نوبنو ٿي وڃي ٿو، اِن ڪري ڪارونجهر جي رونق افروز ڪشش کي تهائين چار چند لڳي وڃن ٿا. ڪارونجهر جي ٽڪر تي هر طرف گگر جا ساوا وڻ آهن، جيڪي خوبصورتيءَ سان گڏ وافر مقدار ۾ ڪنئور ۽ ڪاٺ ڏين ٿا. هتي ماڪيءَ جا ڇتَ به ميسر ٿين ٿا. هتي جا ڏوٿيڙا ڏٽ به واپرائين ٿا ته، ڪالي ڦالگو ڪڏي سرد راتين ۾ ٻاريو هٽ سيڪين ٿا. هتي هي چوڻي مشهور آهي ته: "ڪارونجهر جي روزاني جي ڪمائي سوا سير سون جي برابر هوندي آهي." الغرض ته ڪارونجهر غريبن لاءِ گذر معاش جو واحد وسيلو آهي، پر پتو نٿو پوي ته آخر ڇو هر حڪومت لاءِ هي دلدار پربت اڪ جو ڪندو ٿي پيو آهي؟ چوندا آهن ته: "پري ٻيڙيءَ ۾ واٽيو گرو". ان چوڻيءَ جي مصداق ٻيا سڀ ترقياتي ڪم محل سان ٿي چڪا، هاڻ حڪومت کي ڪارونجهر جي ڪنڌين ڪنارن جي ڪور ۽ معدني وسيلن کي پڳڙن جي مُٽ ليز تي ڏيڻ جا سانباها ٿي پيا آهن. خبر نه آهي ته حڪمرانن جي ڪلهن تي ڪارونجهر جو کهڙي بار بيوس بڻايو آهي، جيڪو ڪٽڻ هنن جي وس کان وڏو ٿي پيو آهي. سرڪار جي اها ڪڏي سوچ قابل نفرت ۽ مذمت لائق آهي، ڇاڪاڻ ته جڏهن سنڌ هاءِ ڪورٽ پنهنجو فيصلو ڏئي چڪي آهي ته اُن پهاڙ سان هٿ چراند ٿيڻ نه کپي. تڏهن حڪومت کي گهرجي ته عدالت جي فيصلي کي عدولڻ جي بجاءِ ان جي کلي دل سان آجيان ڪري، نه ڪي وقت جي ناسازگار حالتن جي نڌڪي بڻايل سنڌ جو مال هڙپ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. اسان کي وفاق جي ارادن جي پڻ چڱي طرح پروڙ آهي. تنهن ڪري اسان گهُر ٿا ڪريون ته ڪارونجهر تي نيشنل پارڪ قائم ڪري جهنگلي جيوت جي تحفظ لاءِ ڪي تاريخي ڪم ڪيا وڃن. اهڙن مثبت فيصلن سان سنڌي ماڻهن جي ڪڏهن به دل آزاري نه ٿيندي ۽ منجهن حق تلفيءَ جو احساس به جنم نه وٺندو. ٻي صورت ۾ ردِ عمل طور انتشار ۽ بدنظميءَ جو ماحول پيدا ٿيڻ فطري ڳالهه آهي. انهن سڀني حقيقتن جي باوجود اسان نگران حڪومت جي نيت کي ڏسون پيا، جيڪا مختلف بهانن سان ڪارونجهر جي چر پچار ڪرڻ تي سندرو ٻڌيو بيٺي آهي. ڏاڍي ڏک ۽ غم غصي جهڙي ڳالهه اها آهي ته حڪومت جي اهڙي ارادي کي سنڌي قوم رد ڪري چڪي آهي، پر پوءِ به حڪومت کو نه ڪو اشو اپاري ٿي. ان ڪري اهو بهتر نه آهي ته نگران حڪومت ڪارونجهر جي ڪورَ ليز تي ڏيڻ جي بجاءِ اها صاف شفاف چونڊون ڪرائڻ طرف ڌيان ڏي. اهو عمل ئي سندن حق ۾ سڦل ڪارڪردگيءَ جو يادگار ڪارنامو شمار ڪيو ويندو

بقايا ❊❊❊ 28

وڌيڪ سڃاڻپ ڪارڊز نشاندهي بعد رد ڪري ڇڏيا آهن ذريعن جو چوڻ آهي ته نادرا طرفان احتساب کاتي ۽ انڪوائري جي نظام کي مضبوط ڪيو ويو آهي. جعلي سڃاڻپ ڪارڊز جاري ڪرڻ ۾ ملوث نادرا ملازمن جي نشاندهي به جاري آهي. ملوث ملازمن لاءِ برطرفي سميت ٻيون وڏيون سزائون ڏئي سگهجن ٿيون.

بقايا ❊❊❊ 29

يونيورسٽيز ۾ تعليم حاصل ڪري سگهندا. رپورٽ موجب رياض ۾ پاڪستاني سفارتخاني هڪ نوٽيفڪيشن ۾ اعلان ڪيو آهي ته سعودي عرب جي 25 يونيورسٽيز ۾ ڊپلوما، بيچلرز، ماسٽرز ۽ پي ايڇ ڊي پروگرامن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پاڪستاني شاگردن کي 700 مڪمل فنڊڊ وظيفا فراهم ڪيا ويندا. سفارتخاني جي بيان ۾ چيو ويو آهي ته پهريان اسڪالرشپس جو انگ 600 هو جنهن کي هاڻي وڌائي 700 ڪيو ويو آهي. رپورٽ موجب جيڪي شاگرد پاڪستان ۾ آهن يا قانوني طور تي سعودي عرب ۾ رهن ٿا اهي اسڪالرشپس لاءِ آن لائين https:// پورٽل studyinsaudi.moe.gov.sa ذريعي درخواست ڏئي سگهن ٿا. رپورٽ موجب هتي اها ڳالهه ذڪر ڪرڻ جوڳي آهي ته 75سيڪڙو وظيفا پاڪستان وارن کي جڏهن ته 25 سيڪڙو وظيفا سعودي عرب ۾ ترسيل پاڪستاني شاگردن کي ڏنا ويندا. امڪاني طور تي ان عمل ۽ اسڪالرشپ لاءِ درخواست ڏيڻ جي طريقيڪار بابت ڄاڻايل ويب سائيٽ تي وڃي تفصيل معلوم ڪري سگهجن ٿا.

بقايا ❊❊❊ 30

واپسي حڪومت جي پهرين ترجيح آهي ۽ روز جي بنيادن تي هزارن جي انگ ۾ غير رجسٽرڊ افغان شهرين کي طورخم ۽ چمن بارڊر ذريعي پنهنجي ملڪ موڪليو پيو وڃي. 6 نومبر تي 9 هزار 816 غير قانوني افغاني پنهنجي ملڪ ويا، جن ۾ 3 هزار 39 مرد، 2 هزار 425 عورتون ۽ 4 هزار 353 ٻار به شامل هئا. انگن اکرن موجب هيل تائين ڪُل هڪ لک 98 هزار 554 غير قانوني طور رهندڙ افغاني واپس وڃي چڪا آهن.

بقايا ❊❊❊ 31

چيو ته حماس سان جنگ ڪانپوءِ اسرائيل اڻڄاتل مدي تائين غزه جي پٽي جي سيڪيورٽي جي مجموعي ذميواري قبول ڪندو. اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو چيو آهي ته حماس سان جنگ ڪانپوءِ غزه جي پٽي جي سيڪيورٽي جي مجموعي ذميواري غيرمعمولي مدي تائين سنڀالي ويندي. نيتن ياهو چيو ته حماس طرفان يرغمالين کي آزاد ڪرڻ تائين غزه ۾ جنگ بندي نه ٿيندي. اسرائيلي وزيراعظم غزه جي ڏکڻ ۽ اترين علائقن کي ورهائڻ ڪانپوءِ اسرائيلي فوج طرفان وڌيڪ علائقن تي قبضي جي دعويٰ پڻ ڪئي.

بقايا ❊❊❊ 32

قائم علي شاهه، شرجيل انعام ميمڻ، منظور حسين وساڻ، ناصر شاهه، عاجز ڌامراهه، آغا سراج دراني، سعيد غني، نثار کهڙو، عبدالباري پتافي، شهريار شر، مڪيش چاولا ۽ ٻيا پارٽي قيادت جا اهم اڳواڻ پهچي ويا سردار محمد بخش خان مهر، غوث بخش خان مهر، مير خالد احمد خان لنڊ، مير بابر خان لنڊ، جاڪر خان بوزدار ۽ ٻيا اڳواڻ پهتل گوهر پيلس اندر منعقد ڪيل جلسي ۾ مختلف برادرين جا سردار، چڱا مڙس ۽ پ پ ڪارڪن وڏي تعداد ۾ پهتل آهن آصف علي زرداري جلسي ۾ وينل ماڻهن کي خطاب ڪيو آصف علي زرداري جي آمد آمد جي موقعي تي سڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا آهن ان موقعي تي سردار علي گوهر خان مهر چيو ته آصف علي زرداري لڙي آيو ان سان ڪوئي حساب ناهي اسان وٽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو به آيا هئا گهوٽڪي ضلعي اندر زرداري صاحب جي اچڻ سان ضلعو پ پ جو ٿي ويو زرداري صاحب اسان وٽ اچي اسان کي مان بخشيو آهي، هن وڌيڪ چيو ته ڪراچي ڪانپوءِ اسان جو ٻيو نمبر سڀ کان وڌيڪ گيس ڏي ٿو، 1954 ۾ پهريون گيس جو کوهه نڪتو پر اسان جو ضلعو پوئتي آهي ملي پر ماڻهو امن خراب ڪن ٿا، جهيڙيندڙن ڌرين جرڳن وسيلي ناهه ڪري سگهنديون گذارش ڪبي ته ڪچي ۽ پڪي ۾ اسڪول ناهي تعليم عام ڪئي وڃي اسان جي ٽروارن علائقن ۾ ڊيم ناهيا وڃن ته ڏڪار ختم ٿي ويندو، ان موقعي تي اڳوڻي صدر آصف علي زرداري خطاب ڪندي چيو ته اسان عمران کي ان ڪري ڌهنايو ته اسان کي پاور گهرجي اسان کي ملڪ جي ترقي گهرجي ان کان ملڪ جي ترقي نٿي تمام جلد روهڙي ڪينال ۾ لائينگ ڪرائيندا سين رڳو افسوس ذهجڻ گهرجي عملي ڪم بهجي هن وڌيڪ چيو ته فلسطين ۾ ظلم ٿي رهيو آهي افسوس جو اسان اهو ناهيون ڪري سگهيا جيڪو ڪرڻ گهرجي اسين سڀ ڪجهه ڪري سگهون ٿا، اسان سمنڊ مان ٻارٻين روپيه ڪمائي سگهون ٿا اسين هميشه عوام جي نوڪري ڪئي آهي، پاڪ خدمت قبول ڪندو مارشلا لڳائڻ هن دور ۾ مشڪل آهي سوشل ميڊيا جو دور آهي مون سڀ شئي پريڪٽيڪل ڪئي آهي جيڪي مقابلو ڪرڻ چاهين ٿا اهي ميدان تي اچن آئون پنهنجي جيالن جي ڪري ملڪ مان ٻاهر نٿو وڃي سگهان دنيا جي کهڙي به سياست هجي پر اسان جي سياست عوام جي سياست آهي اسان شهيد محترمه کي دفنائي بچيو ڌاسان کي پاڪستان کپي دنيا ۾ مسلمانن سان ڇا ٿي رهيو هو اسان مذمت ڪئي، پاڪستان هن وقت معاشي طرح ڪمزور ٿي رهيو آهي اسين جڏهن به ڳالهه ڪئي آهي اها ملڪ جي مفاد ۾ ڪئي آهي، پاڪستان کي سنڌ ناهيو ۽ سنڌ ٿي پاڪستان کي بچائيندو اوهان مونسان گڏ بيٺل آهيو آئون انهن سامهون بيٺل آهيان..

بقايا ❊❊❊ 33

نااهلي ختم نٿي سگهي. لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ صحافين سان ڳالهائيندي اعتزاز احسن چيو ته نواز شريف بادشاهه آهي. سڀ ان جي سامهون جهڪيل آهن. ترميم بنا سپريم ڪورٽ جي سزا ۾ رعايت نٿي سگهي. جنهن هاءِ ڪمشنر نواز شريف کي سي آف ڪيو ان خلاف ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. هڪ ڏوهاري کي پروٽوڪول ڏيڻ قانوني ڏوهه آهي. هن چيو ته افغان معاملي تي ڀيهر ڳالهائڻ جي ضرورت آهي ۽ قومي پاليسي جوڙي وڃي. سيني افغان پناهگيرن کي رجسٽرڊ ڪيو وڃي ۽ پاليسي ناهي وڃي. سندس وڌيڪ چوڻ هو ته پي ٽي آءِ چيئرمين ڪانسواءِ ڪا چونڊ نٿي ٿي سگهي.

بقايا ❊❊❊ 34

حملي دوران فائرنگ جي ڏي وٺ دوران ڊيوٽي تي مقرر 2 پوليس اهلڪار شهيد ۽ 3 زخمي ٿي پيا جن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي هڪ اهلڪار جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي، ڊي ايس پي ٻڌايو ته حفاظت جي لاءِ ڪمپني ڪيمپ تي پوليس نفري مقرر ڪئي وئي هئي. واقعي کان پوءِ واقعي واري هنڌ وڌيڪ پوليس جي نفري پهچي وئي آهي. جوابدارن جي ڳولا لاءِ آپريشن جو سلسلو جاري آهي. شهيد ٿيل پوليس اهلڪارن ۾ عارف ۽ رحمت علي شامل آهن جڏهن ته زخمي اهلڪارن ۾ اي ايس آءِ عالم شير، فضل شاهه ۽ عطاءالرحمان شامل جن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا ❊❊❊ 35

قانوني ڏوهه آهي. هن چيو ته افغان معاملي تي ڀيهر ڳالهائڻ جي ضرورت آهي ۽ قومي پاليسي جوڙي وڃي. سيني افغان پناهگيرن کي رجسٽرڊ ڪيو وڃي ۽ پاليسي ناهي وڃي. سندس وڌيڪ چوڻ هو ته پي ٽي آءِ چيئرمين ڪانسواءِ ڪا چونڊ نٿي ٿي سگهي.

بقايا سنڌيار 01

گر ڪري ڇڏيو آهي، شڪ آهي ته نوجوان کي ڪوڙي پوليس مقابلي ۾ ماريو ويندو خسانه سولنگي رحيم سولنگي اسان جو مزدور آهي، ڪنهن به ڏوهي سرگرمي ۾ ملوث ناهي، پوليس ناانصافي ڪئي آهي، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهروفيروز نوٽيس وٺي نوجوان کي آزاد ڪرايو وڃي مظاهرين اسان غريب مسڪين آهيون، اسان جي گهر ۾ روزانو پير ڪلندڙ ڪوجي ڪتا گهرائي گهر ۾ ويهاريا وڃن ٿا، وس وارا نوٽيس وٺي انصاف ڏيارين.

بقايا سنڌيار 02

ليلا خاتون، ريما خاتون، ٻارڙن مدثر، ماريه، علي بخش، عريبه ۽ ٻيا احتجاج ۾ شامل هئا، جتي پيرسن عورت گلان خاتون ڳالهائيندي چيو ته 3 مهينا اڳ منهنجي ڌيءَ رابعه کي عقيل مگسيجو زبردستي اغوا ڪري ويو جنهن ڪانپو منهنجي نياڻيءَ کان پنهنجو مڙس ۽ ساهرا اسان جي خلاف ڪوڙا بيان ڏياري ڌمڪين جا الزام هڻي رهيا آهن جنهن کي اسان کي به ڌمڪيون ناهن ڏنيون ۽ نه ئي ڪو انهن مٿان ڪيس داخل ڪرايو آهي، جڏهن ته عارف علي مگسيجو ڏانهون ڪندي چيو ته اسان جي ڀيڻ رابعه پاران بي ڀيڻ زاهده مٿان 2 لک وٺي شادي ڪرائڻ وارا الزام ڪوڙا ۽ بي بنياد آهن ۽ انهن ۾ ڪا به سچائي ناهي ۽ اسان جو شاهد ۽ رفيق مگسيجو وارن سان به ڪو تعلق ناهي، هو پنهنجي جهيڙن سان پاڻ جاڻين ۽ ان ۾ اسان کي شامل نه ڪيو وڃي، عقيل مگسيجو اسان جي ڇوڪري اغوا ڪري ڪئي ويو آهي جنهن ڪري هو اسان جي مٿان ڪوڙا الزام هڻي رهيو آهي، اسان ڀيڻ جي اغوا واري مسئلي لاءِ برادري جي چڱن ارشاق مگسيجو، خالد مگسيجو ۽ رمضان مگسيجو وٽ وياسين جن 16 ڏينهن جي مهلت وٺي رفيق وارن سان ڳالهائڻ ۽ مسئلو حل ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي ۽ اغوا جو ڪيس داخل ڪرائڻ به نه ڏنو ۽ چيو ته رفيق وارن جو گوهانگ برادري سان تڪرار هلندڙ هو ان لاءِ توهان ڪجهه به نه ڪندا، ان ڪري اسان خاموش ٿي ويهي رهياسين، اسان غريب مسڪين پورهيت آهيون ڪنهن کي ڇا نقصان ڏينداسين، رفيق جي پاءُ صحبت اسان جي گهر گهڙي عورتن ۽ ٻارڙن کي ڌمڪيون ڏئي وين هاڻي رفيق وارا اسان جي ڇوڪري کي معرفت اسان جي مٿان ڌمڪين جا ڪوڙا الزام هڻائي پاڻ بچائڻ جي سازش ڪري رهيا آهن، هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو کي اپيل ڪئي ته اسان جي احتجاج جو نوٽيس وٺي شفاف نموني جاچ ڪرائي وڃي ۽ ذميوارن خلاف ڪاروائي ڪري اغوا ڪيل ڀيڻ رابعه کي بازياب ڪرائي ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 03

ٻڌايو ته منهنجو ڀيءُ مون تي تشدد ڪندو هو ۽ مون کي 6 لک ۾ وڪرو پيو ڪري جيڪا ڳالهه مون کي پسند نه آئي مان رازخوشي سان الهه وڏايو ولد مختيار ڪنيڙو سان نوشهرو فيروز سيشن ڪورٽ ۾ شريعت محمدي موجب نڪاح ڪيو آهي هاڻي منهنجو ڀيءُ علي حسن لعل محمد الطاف حسين طالب حسين مون کي منهنجي مڙس کي ڌمڪيون ٿا ڏين ته توهان ٻنهي کي ڪارو ڪاري ڪري مارينداسين الهه وڏايو چيو ته هن جا مائٽ مون کي چون ٿا اسان تنهنجي عورتن کي به اغوا ڪنداسين جڏهن ته فيصلي ۾ مون کان 2 لک روپيا ورتا آهن پوءِ به اسان تي ڪوڙا ڪيس ڪرڻ ۽ مارڻ جون ڌمڪيو ٿا ڏين اسان ايس ايس پي گهوٽڪي ڊي آءِ جي سکر هاءِ ڪورٽ سکر کي اپيل ٿا ڪريون ته اسان کي تحفظ ڏنو وڃي اسان کي ڪجه به ٿيو ته ان جا ذميوار منهنجا مائٽ هوندا

بقايا سنڌيار 04

مٿان قاتلاڻو حملو ڪري مونکي زخمي ڪيو آهي، سيد مختيار شاهه چيو ته جوابدار ڊر مختلف وقتن تي مختلف طريقن سان حرسان ڪري رهيو آهي، ڪوڙا الزام مڙهي، قتل ڪرڻ ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون سازشون ڪيون پيون وڃن، جنهن ڪري خاندان سميت غير محفوظ بڻيل آهيان، مختيار شاهه چيو ته جوابدار وحيد خاصخيلي ۽ سندس ساٿين پاران مون مٿان قاتلاڻي حملي جي فرياد ڪرڻ باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام بڻيل آهي الٽو جوابدار ڊر جا ماڻهون ظلم خلاف آواز اٿارڻ تي سخت نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون پيا ڏين، هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي خيرپور سميت وس وارن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 05

ايوب ڪنيار ۽ ارشاد آرائين کي گرفتار ڪري ورتو، جوابدارن جي قبضي مان وڏي انگ ۾ مين پوري هٽ ملزمان جي خلاف ڪيس نمبر 59/2023 زيرِدفعه 4/8 گٽڪا ايڪٽ ٺٽون ڪوٽ ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

بقايا سنڌيار 06

گهٽيون رستا پڪا، اسڪول بند، بجلي ڪٽيل، صاف پاڻي جي اڻهوند، ۽ صحت جي سهولت سميت سمورين بنيادي سهولتن کان محروم بڻيل ڳوٺاڻن جو احتجاج، سهولتون ڏيڻ جي گهر، ٻي صورت ۾ اليڪشن ۽ پوليو جو بائيڪاٽ ڪرڻ جو ڄاڻا، تفصيلات موجب : سند سالن کان يوسي جو درجو رکندڙ قديمي ڳوٺ جهنگل ملڪ جي يوسي انتظاميه، ضلعي انتظاميه، چونڊيل نمائندن سميت ڪنهن به سار نه لڌي، واعدا ڪري وفا نه ڪيا، جنهن تي احتجاج ڪندي يوسي جهنگل ملڪ جي جنرل ڪائونسلر محمد بخش ملڪ، پ پ پ يوسي اڳواڻ سڪندر علي ملڪ، ڪامراڊ مغل ملڪ، برڪت ملڪ، سميت ڳوٺاڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته قديمي ڳوٺ هجڻ باوجود مهل تائين جهنگل ملڪ ۾ ڪو ترقياتي ڪم نه ٿيو آهي هتان ايم اين اي جي سيٽ تي سردار خالد لنڊ، سردار علي گوهر مهر، ميان منو چونڊون کٽيون آهن ۽ ايم پي اي جي سيٽ تي ڪيترائي پيرا سينيٽر جام مهتاب ڏهر، مرحوم سردار احمديار شر، سردار شهريار خان شر ڪامياب ٿيا آهن سڀني ووٽ وٺي ٺلها آسرا ڏنا آهن هن مهل تائين ڪو ترقياتي ڪم نه ٿيو آهي، هنن چيو ته اسان وٽ گندي پاڻي جي نيڪال جو ڪو نظام نه آهي ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت پائپ لائن وجهرائي آهي جيڪا روزخراب پيل هوندي آهي اسان پاڻ هن ۾ صفائي لاءِ لٿا ٻيٺا آهيون. هنن چيو ته اسان وٽ سردار علي گوهر مهر اسپتال جو اعلان ڪري ويو جيڪو واعدو وفا نه ٿيو سردار خالد لنڊ ڊسپينسري جا خواب ڏيکاري نه ڏني، اسان جا اسڪول تباهه ٿيل آهن تيائين جو پرائمري اسڪول سيمس ڪرو هجڻ باوجود 38 سالن کان بند پيل آهي، مڊل اسڪول جي بلڊنگ جو تعميري ڪم 18 سالن کان مڪمل نه ٿي سگهيو آهي جام مهتاب ڏهر تعليم جو وزير هوندي به اسان جي تباهه ٿيل تعليمي ادارن لاءِ ڪجه نه ڪيو اسان جي مرڪزي عيد گاهه ۾ مٽي اڏمي رهي آهي، ڳوٺ جي گهٽين ۽ رستن ۾ ڪر نه ٿيو آهي مينهن جي موسم ۾ سخت تڪليف ۾ هوندا آهيون. سيوريج جو ڪو نظام نه آهي جنهن ڪري بيماريون وڌي رهيون آهن هنن چيو ته وفاقي حڪومت، صوبائي حڪومت ، ضلعي انتظاميه ڊي سي گهوٽڪي، اي سي اوباوڙو ، يوسي جهنگل ملڪ جي انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندن اسان کي صحت، تعليم، پاڻي جي نيڪال، گهٽيون راستن جي ڪم ڪرائڻ سميت ڪا به بنيادي سهولت نه ڏني آهي. هنن وس وارن کان اپيل ڪندي چيو ته اسان کي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ٻي صورت ۾ چتاءُ ٿا ڏيون ته اسان جنرل اليڪشن جو ۽ پوليو مهم جو بائيڪاٽ ڪنداسين ۽ ڊي سي گهوٽڪي جي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا سنڌيار 07

پاران جاري احتجاج کي پريا ڪماري رهائي ڪميٽي جوڙي جدوجهد جاري رکڻ جو عزم ورجايو ويو آهي 28 مهينن کان سکر جي علائقي سنگرار مان اغوا ڪيل معصوم نياڻي پريا ڪماري، 2015 کان سکر جي ايوب گيٽ وٽان اغوا ڪيل معصوم اصغر منگريو، خيرپور مان اغوا ڪيل مزدور اسلام سومرو، محراب پور مان اغوا ڪيل علي حسن ميمڻ، پنوعاقل مان اغوا پورهيت واجد بڙدي ۽ ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ، راٺيپور کان سکر پريس ڪلب تائين پيادل مارچ ڪانپوءِ احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري رات ڏينهن وارو جاري احتجاج 35 ڏينهن به جاري رکندي سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪئمپ تي مغوين جي بازيابي لاءِ سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ ڊاڪٽر نذير ڪوڪر، مخدوم بلاول، عطا محمد ڀٽو، محمد اعظم منگريو ۽ ٻين چيو ته اسان مغوين جي بازيابي لاءِ، لاڳيتو احتجاجي سلسلو شروع ڪيو آهي جنهن کي هڪ مهينو 33 ڏينهن ٿيا آهن پر ڪنهن به حڪومتي اداري نوٽيس ناهي ورتو اڄ کان سنڌ جي سمورن اغوا ڪيل ۽ گم ڪيل قومي ڪارڪنن جي واپسيءَ لاءِ جدوجهد کي وڌيڪ وسعت ڏيڻ لاءِ پريا ڪماري رهائي ڪميٽي جو بنياد وڌو ويو آهي اسان سپريم ڪورٽ ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس صاحبان کي عرض آهي ته سکر مان پريا ڪماري گم آهي معصوم علي اصغر منگريو، واجد بڙدي، خيرپور مان اسلام الدين سومرو، محراب پور مان علي حسن ميمڻ سميت سنڌ مان سمورن اغوا ڪيلن ۽ گم ڪيل بازيابي لاءِ نوٽيس وٺي قيد مان نجات ڏيارين ان موقعي تي يڪجهتي طور ايڊوڪيٽ فياض خميساڻي، اربيلو ابڙو، محمد سليمان سومرو شرڪت ڪري احتجاجي تحريڪ جي حمايت ڪئي ۽ حڪومت کان مغوين جي بازيابي جو مطالبو ڪيو

بقايا سنڌيار 08

جي پاپوليشن ڪاتي جي ماحول کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. اسان اهڙن ناپاڪ ٽولي جي سازش کي ناڪام ڪنداسين هنن وڌيڪ چيو ته هتان ڪلرڪ طالب انڙ ۽ مهتاب قريشي جي بدلي ٿيڻ باوجود ٻئي شخص پنهنجي پوسٽنگ تي قابض ٿيو ويٺا آهن. هتي مختلف قسم جون سازشون ڪري هتان جو ماحول خراب ڪرڻ لاءِ عورت کي استعمال ڪري اسان جي ايماندار آفيسر عبدالوهاب عباسي کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. هنن سيڪريٽري پاپوليشن ڊپارٽمينٽ ۽ نگران حڪومت ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪندي چيو ته ڪلرڪ طالب انڙ ۽ مهتاب خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ هرروز ضلع آفيس سجاول ۾ احتجاجي ڪيمپ لڳائي ويندي.

بقايا سنڌيار 09

نائب صدر شاد محمود ڀٽو، خزانچي عابد ڀٽو ،ضامن سمون، ڊاڪٽر منوج ڪمار شاپراني ،منور منگي، ،عبدالله ميراڻي،مسعود ميراڻي ،منصور ساگر ڀٽو، ۽ ٻين ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي ته سينيئر صحافي سيد مختيار علي نقوي تي حملو ڪندڙن جيڪو ترار ٿي چڪا آهن انهن غندن کي ٺلفور گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ سراپا احتجاج تي ويندي، ۽ اسان احتجاج جو حق رکون ٿا اسان هڪ دفعو وري ايس ايس پي خيرپور ميرس کي واضح ٿا ڪريون ته حملو ڪندڙن غندن کي فورن گرفتار ڪري قانون جو مان مٿاهون ڪيو وڃي ،اسان سيئين مختيار علي نقوي سان هر موڙ تي گڏ آهيون. اسانکي تحفظ فراهم ڪري ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري ايف آئي آر داخل ڪري سخت سزا ڏني صحافي ڌرمان بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 10

aڪان اڳ پيش رفت رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي ۽ 20 نومبر تي ٻارن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سڀني اين جي اوز خاص طور تي ٻارن جي تعليم تي ڪم ڪندڙ اين جي اوز کي آگاهي پروگرام منعقد ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن اها هدايت اڄ گڏي پٽ جيمخانه ملي ۾ سمورن اين جي اوز جي گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڏني. هن چيو ته 20 نومبر تي ٻارن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ضلعي سطح تي ريلي ڪڍي ويندي، جڏهن ته تعلقي سطح تي پڻ مختلف پروگرام منعقد ڪيا ويندا. هن سمورن اين جي اوز کي هدايت ڪئي ته ٻارن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان پنهنجا پروگرام جلد کان جلد سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ ٿرپارڪر سان شيئر ڪن ته جيئن انهن پروگرامن کي منظر انداز ۾ مرتب ڪري سگهجي. هن سمورن اين جي اوز کي هدايت ڪئي ته اهي سنڌ چيريٽي ڪميشن کان پنهنجي رجسٽريشن حاصل ڪن ۽ جيڪڏهن اهي رجسٽرڊ ٿيل آهن ۽ انهن جي اين جي اوز تي سنڌ چيريٽي ڪميشن پاران ڪنهن به قسم جا تحفظات آهن ته انهن کي فوري طور تي ختم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن. ان موقعي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر ڪيلاش سمورن ملڪي توڙي برڏيهي اين جي اوز کي پنهنجي اداري جي ڀرپور سهڪار جو يقين ڏياريو ۽ چيو ته ڪاتي جا جيڪي به مسئلا آهن انهن جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو. ان موقعي تي سمورن اين جي اوز جي نمائندن ضلعي ٿرپارڪر جي مختلف علائقن ۾ پنهنجي لاڳاپيل ادارن تحت هلندڙ منصوبن جي اڳڀرائي رپورٽ تي تفصيلي روشني وڌي.

بقايا سنڌيار 11

جانورن جو گاهه ڪرڻ وئي ته گهر نه موٽي گهر وارن جي ڳولا ڪرڻ بعد مقتولا جو لاش پني واري فصل ۾ گهٽا ٽٽل لاش مليو. اهڙو اطلاع ڳوٺاڻن پوليس کي ڏنو آهي جتي ڳوٺاڻا وڏي تعداد سان پهچي مقتولا جو لاش سول اسپتال کڻائي ويا آهن. جڏهن ته پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي آخري اطلاع تائين جوابدارن جو پتو نه ٿي سگهيو آهي

بقايا سنڌيار 12

aبنياد تي ملندي آهي ۽ عام چونڊن ۾ به پيپلزپارٽي سڄي ملڪ مان وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻيندي ۽ ان جا چونڊيل نمائندا ميئر، ڊپٽي ميئر ۽ چيئرمين آهن. بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن تي عمل ڪندي عوامي خدمت جو سلسلو جاري رکيو ويندو. اهڙن خيالن جو اظهار هن سکر جي ضمني چونڊن ۾ يوسي بيدل فقير تان وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪندڙ چيئرمين ڊاڪٽر ارشد مغل ۽ وائيس چيئرمين طارق چوهاڻ کي مبارڪباد ڏيندي ڪيو جوهاڻ هائوس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي سيد ڪميل حيدر شاهه وڌيڪ چيو ته ڪراچي کان ڪمون شهيد تائين سمورن ميئرز، ڊپٽي ميئرز ۽ چيئرمينن جو تعلق پاڪستان پيپلز پارٽي سان آهي ۽ مڪاني چونڊن ۾ سنڌ مان پيپلز پارٽي جا ئي ماڻهو ڪامياب ٿيا آهن. ان جو نتيجو اهو آهي ته عوام جو اسان تي اعتماد آهي. هن وڌيڪ چيو ته ڊاڪٽر ارشد مغل ۽ طارق چوهاڻ بغير ڪنهن مهر جي وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻي، جيڪا عوام جو پيپلز پارٽي تي اعتماد آهي. پ پ سنڌ ۾ ضلعي ٽائون جي يوسي ۽ وارڊ سطح تي ترقياتي ڪم ڪرايا، روڊ رستا ناهيا، پاڻي جا منصوبا ڏنا تعليم ۽ صحت جي شعبن ۾ وڏا منصوبا ڏنا. هن چيو ته ڪنهن کي ليول پليئنگ فيلڊ ملي رهي آهي يا نه هڪ سياسي شاگرد جي حيثيت سان. جيڪڏهن ڪنهن کي سپورٽ ملي رهي آهي ته ان جو پيپلز پارٽي کي فائدو ٿيندو ڇو ته عوام کي خبر آهي پيغام انهن تائين پهچي رهيو آهي، ڪميل حيدر شاهه وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي خلاف اتحاد ماضي ۾ به رهيا آهن جيڪڏهن ڪو اتحاد ٺهيو به ته ڏنو ويندو تحريڪ انصاف سميت سمورن جماعتن کي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ جي مڪمل آزادي هئڻ گهرجي. اهو هر ڪنهن جو جمهوري حق آهي. جڏهن ته تحريڪ انصاف جي چيئرمين خلاف ڪيس به قانون موجب ڏسڻ گهرجن. ان کان اڳ سيد ڪميل حيدر شاهه پنهنجي اميدوارن جي ڪاميابي تي چيئرمين ڊاڪٽر ارشد مغل ۽ وائيس چيئرمين طارق چوهاڻ کي مبارڪباد ڏني ۽ ڪين گلن جا هار پارايا.

بقايا سنڌيار 13

عاشق حسين عباسي ، لطف الله ، ياسين انڊڙ ، قربان علي گدائي ، بشير مهر ، حماد الله عباسي ۽ ٻين صحافين آڏو احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي ته سکر ۾ ناٿي ڪاٽي جي آفيس ۾ ويهاريل ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر حضور بخش ميمڻ پنهنجي آفيس ۾ رشوت جي بازار گرم ڪري ڇڏي آهي هن چيو ته ترقياتي اسڪيمن جي بلن تي ڪين پنجاه پيسه رشوت طور ڏئي رهيا آهيون جيڪي ڪيس قبول ناهن هاڻي هو پنهنجي ڪرسي جو ناجائز استعمال ڪندي ٺيڪيدارن ڪان هر بل تي پنجاه پئسن مان وڌائي ۾ روپيه ڪميشن گهري رهيو آهي جيڪي نه ڏيڻ جي صورت ۾ ڪافي ٺيڪيدارن جا بل حضور بخش ميمڻ جي آفيس ۾ ,صحيح لاءِ پيل آهن جن تي هو صحيح نٿو ڪري هنن چيو ته اسان ٺيڪيدار حڪومت کي ڪروڙين روپيه ٽيڪس ڏئي ٺيڪا کٽي پنهنجي ٻچن جو پيٽ گذر ڪندا آهيون جنهن تي به اسان کي بليڪ ميلنگ ذريعي بل روڪي پريشان ڪيو پيو وڃي هن اعلي اختيارين ڪان گهر ڪئي آهي ته جاتايل آفيسر کي فوري طور هٽائي ايماندار آفيسر مقرر ڪري ٺيڪيدارن ۾ پکڙيل بيچيني کي ختم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 14

ٽائرن کي باهيون پوليس خلاف نعريبازي ان موقعي تي دڪاندار اڳواڻ علي اڪبر چانڊيو خالد صيف الله عباسي وسيم ڏنگراج وزير وگڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته نوشهرو فيروز شهر کي پوليس هٽ وٺائي قرائي رهي آهي هي اسان سان هر مهيني دڪاندارن سان اها ويڌن آهي اڳ ۾ به هن ٿي چونڪ تان هٿيار جي زور تي دڪاندار ڪان لکين روپيا قريا آهن پر اهائي پوليس ڪن لاٿار ڪنهن کي به قر ٿيل پئسا واپس نه ٿيا آهن پر پوليس لکين روپيا هنن ڏوهن تي ڪمائي تي دڪاندارن کي روز رڳو ڪوڙا دلاسا ئي ملن ٿا اسان ڊي ايس پي صاحب جي چوڻ تي روڊ ڪوليو ٿا پر ٽن ڏينهن ۾ مسئلو هل نه ٿيو ته پوءِ اسان دڪاندار سخت احتجاج ڪرڻ جو هڪ رڪون ٿا نيشنل هاءِ وي بند ڪنداسين ڪجه به ٿيو ته ان جو ذميوار ڊي ايس پي ستي عبدالله لاڪيٽر هوندو.

بقايا سنڌيار 15

مهمان پکين جي نسل ڪشي ڪندو ان خلاف ڪاروايون ڪبيون مهمان پکين جي نسل ڪشي ڪندڙن سان ڪاب رعايت نه ڪبي

بقايا سنڌيار 16

محمد ابراهيم پٺو،ديدار حسين اوڊو،رياض حسين عارباڻي، گل محمد شاهاڻي،نعمت الله

روزاني سنڌيار کي
نمائندا گهرجن

Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍين وڏن شهرن لاءِ روزاني **سنڌيار** کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏيارينداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com

ڪوڪر،اوشاق علي ڪلهوڙو ۽ نائب قاصد منظار علي جروار شجر ڪاري مهم ۾ حصو ورتو.

بقايا سنڌيار 17

آف جرنلسٽ پاران سکر پريس ڪلب ٻاهران ايس يو جي ٽي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال وارو سلسلو 86 ڏينهن به جاري رکيو ويو جنهن ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي مرڪزي اڳواڻ لالا اسد پٺاڻ خصوصي طور شرڪت ڪري مرڪزي اجلاس جي فيصلن جي آگاهي ڏيندي چيو ته 15 ڏينهن تائين سکر ۽ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ پاران ريجن جي شهرن ۾ لاڳيتو احتجاج جاري رکيو ويندو 20 ڏينهن اندر ڪراچي وزيراعلي هائوس آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو ان ڪان اڳ پي ايف يو جي ٽي جي مرڪزي اڳواڻ افضل ٻٽ، سيڪريٽري جنرل ارشد انصاري جي اڳواڻي ۾ اسلام آباد ڪان لانگ مارچ شروع ڪيو ويندو جنهن جو اوباڙو ۾ استقبال ڪرڻ بعد لانگ مارچ سنڌ جي مختلف شهرن ڪان ٿيندو حيدرآباد پهچندو ۽ حيدرآباد ڪان ڪراچي تائين لانگ مارچ ڪري سي ايم هائوس آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو جنهن ۾ ملڪ جا صحافي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندا احتجاج ۾ شهيد جان محمد مهر جي پاءُ ڪرم مهر پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شهزاد تاباڻي، جاويد جتوئي، خالد ٻانيڻ، سليم سهتو، جلال الدين ٻيو، عمر سومرو، سحرش ڪوڪر آصف لوڌي، محمد رضوان صديقي، يار محمد سومرو، جهانزيب وسير، فاروق سومرو، ڪامران شيخ، مجيب ورنڊا، اسحاق ڪوسو، عنايت ٻٽي، مختيار شامي، عبدالغفور شيخ ۽ ٻين شرڪت ڪئي، اڳواڻن چيو ته 86 ڏينهن ٿي ويا آهن پر شهيد جان محمد مهرجي اصل قاتلن جي گرفتار نه ڪيو ويو آهي سکر پوليس مسلسل لارا لپا ڏيندي رهي آهي هاڻي رڳو سهولت ڪارن جي گرفتاري مان ڪم نه هلندو پوليس جي اهڙي عمل تي صحافي برادري ۽ شهيد جي وارثن ۾ شديد ڪاوڙ آهي اسان واضح ٿا ڪريون ته جيستائين شهيد جان محمد مهرجي اصل قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي احتجاجي تحريڪ جاري رهندي.ان موقعي تي قاضي ضياء الرحمان، فرقان ڪوسو، فضل الرحمان قريشي، بابر ڪوڪر محمد علي سولنگي، مرتضي سميجو، سجاول سومرو، نعيم غوري، محمد اسلم دايو، شاهه ولي، ناصر جعفري سجاد سنجراڻي، ۽ ٻين شرڪت ڪئي جڏهن ته يڪجهتي طور ڊاڪٽر نذير ڪوڪر، مخدوم بلاول، ڪيول رام ۽ ٻين شرڪت ڪري سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 18

ڏانهون ٻڌڻ وارو ڪو به ناهي، ٺٽي جي عوام کي نه گذريل پندرنهن سالن ۾ ۽ نه ئي موجوده نگران حڪومت ۾ ڪو رليف ملي سگهيو، ضلعي سان تعلق رکندڙ وڏا ۽ سفيد پوش ڪاروباري سيٺ پڻ منشيات فروشي وارو ڪاروبار جنهن ۾ گهٽڪو، سفينا، چورو شامل آهي شروع ڪري ڇڏيو آهي پوليس چڱيءَ ريت ڄاڻي ٿي پر بااثر هجڻ ڪري ڪاروائي ڪرڻ کان لنوائي ٿي منشيات ڪٿان اچي ٿي ۽ کهڙن واپارين جي گدامن تي لهي پوليس کي سب خبر آهي ايس ايس پي ٺٽو کي گهرجي ته منشيات جي ڪاروبار ۾ ملوث سمورن ڪارين روڻ خلاف ڪارروائي ڪري ته جيئن منشيات تي ضابطو اچي سگهي ٺٽي ضلعي ۾ موسم جي تبديلي ڪانپوءِ ڇتن ڪٽن ۾ اضافو ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي جڏهن ته مڇرن جو انگ ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي جنهن جي ڪري مليريا سميت مختلف بيماريون جنم وٺڻ لڳيون آهن مڪلي هيڊ ڪوارٽر ۾ به ڪتا جند جي صورت ۾ روڊن رستن تي گهمندا ڦرندا رتن ٿا پر انهن ٻنهي مهمن تي عمل نه پيو ڪيو وڃي، 9:00 کان 12:00 ۽ 2:00 کان 4:00 تائين 13 کان 15 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ عوام کي ذهني مريض بڻائي ڇڏيو آهي، بجلي نه هلندڙ ڪيترائي ڪارخانا بند ٿي رهيا آهن جنهن جي ڪري غريب مسڪين مزدوري ڪندڙ مزدور بجلي جي ڏگهي لوڊشيڊنگ سبب روزاني اجرت تي ڪم ڪندڙ ماڻهو بيروزگاري واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. جڏهن ته پاڻي جي به ڪوت پيدا ٿي وئي آهي، ڪيترن ئي اسڪولن ۾ پيئڻ جڳهه پاڻي موجود نه آهي ته جيئن ٻار پاڻي پي سگهن. ٻئي پاسي اسڪولن جي ڇتن جو پلستر اکڙ ڪري ٿو پئي جنهن جي ڪري اسڪولي شاگردن جون حياتيون داءَ تي لڳل آهن. پر تعليم ۽ ورڪس کاتو ڪو به نوٽيس نه ٿو وٺي، لوڊشيڊنگ سبب ضلعي جي عوام مڪمل طور تي ذهني مريض بڻجي وئي آهي، ماڻهو سڄي رات جاڳندي گذارين ٿا. ٺٽي ضلعي جي عوام نگران سنڌ حڪومت ۽ ڊي سي ٺٽو کان مطالبو ڪيو آهي ته ضلعي جي عوام کي ذهني مريض بڻائڻ جي سازش ڪندڙ حيسڪو جي اعليٰ عملدارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي، مڇر ۽ ڪتا مار مار مهم فوري طور تي شروع ڪئي وڃي، ڪراچي مان منشيات اسمگل ڪندڙ وڏن منشيات فروشن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ته جيئن ٺٽي جي عوام کي ذهني سڪون ملي ۽ نوجوان نسل کي تباهي جي ڪناري کان بچائي سگهجي.

بقايا سنڌيار 19

بعد ڏينگاڻ پرسان ٽامس موري وٽ سڄي رات تشدد ڪرڻ بعد مڇ ۽ وار ڪوڙي تذليل ڪئي منهن ڪارو ڪاري گڏهه تي چاڙهي سڄي ڳوٺ ۾ گهمايو شام جو موٽمار ڌمڪيون ڏئي آزاد ڪيو. مون سان انصاف ڪيو وڃي: متاثر نوجوان محبوب علي شيخ. خبر موجب :ڪوٽ غلام محمد شهر جي رهواسي نوجوان محبوب علي شيخ سندس پاءُ رحيم بخش شيخ سان گڏ ڪوٽ غلام محمد پريس ڪلب پهچي بااثرن خلاف احتجاج ڪندي چيو ته گذريل رات 11 وڳي آئون منهنجي دوڪان بند ڪري گهر وڃي رهيو هئس ته شهر جي داخلي گيٽ وٽ بااثرن دين محمد شيخ، فريد شيخ ۽ راشيد شيخ هٿيارن جي زور تي مونکي اغوا ڪري ڊينگاڻ پرڳڙي ٿاڻي جي حد ۾ ٽامس موري وٽ ڪوٺ ۾ کڻي ويا، جتي مون تي غلام علي، رياض، سليم، حسين بخش، راشيد ۽ دين محمد شيخ منهنجي مڇ ۽ وار ڪوڙي گڏهه تي چاڙهي تذليل ڪئي

بقايا سنڌيار 20

ڪري ڇڏي آهي زمين جا ڀنا سوري ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي رهيو آهي هنن جو چوڻ آهي ته عيسي ڀيرزادو جي حراسمينٽ ڪرڻ تي سندن همراهه دل جو دورو پوڻ ڪري گمبٽ اسپتال داخل آهي مظاهرين آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان گهر ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي بااثر خلاف سخت ايڪشن ڪٺي ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 21

ڊيسڪون، ڪرسيون، ٽيبلون ۽ ٻيو فرنيچر ڏنو ويو اسڪول جي استادن هيڊ ماسٽر منظور احمد چانڊيو محمد صالح سجاد احمد پاران تعلقه ايجوڪيشن آفيسر غلام رسول چانڊيو جي واکاڻ ڪندي چيو آهي اسان جي اسڪول ۾ درسي ڪتابن ۽ فرنيچر جي ڪوٽ هئي جيڪا شڪايت اسان تعلقه ايجوڪيشن آفيسر غلام رسول چانڊيو کي ڪئي ۽ سائين پاران بنا دير جي اسان جي اسڪول لا فرنيچر ۽ شاگردن ۾ ڪتاب ڪاپيون ۽ ٻيو سامان پڻ تقسيم ڪيو آهي يوسي پير ٽرهوجي ڳوٺاڻن محمد عثمان اسد علي مقصود چيو آهي حڪومت کي گهرجي سڄي سنڌ ۾ سائين غلام رسول چانڊيو صاحب جهڙا ايماندار فرض شناس آفيسر مقرر ڪري سنڌ جي تعليم لاءِ غلام رسول چانڊيو جهڙا ايماندار فرض شناس آفيسر فائديمند ثابت ٿيندا تعلقه ايجوڪيشن آفيسر غلام رسول چانڊيو سان گڏ تعليمي ماهر سينئر استاد غلام ياسين چانڊيو پڻ گڏ هو تعلقه ايجوڪيشن آفيسر غلام رسول چانڊيو چيو آهي تعليم هر ٻار جو حق آهي ۽ انهن کي سهولت ڏيڻ حڪومت ۽ اسان آفيسرن تي فرض آهي هر ماڻهو کي پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ڪا به قوم تعليم ڪانسواءِ ترقي نه ٿي ڪري سگهي تعليم لاءِ اسان سڀني استادن آفيسرن والدين کي گڏيل طور ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

بقايا سنڌيار 22

ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ماٿيلو حافظ ذيشان ڪارروائي ڪندي من پسند اگهه تي پاڻ وڪرو ڪندڙن مٿان 40 هزار روپيا ڏنڊ لاڳو ڪري ڇڏيو آهي ٻئي طرف

اسسٽنٽ ڪمشنر اوباڙو شاهه محمد هڪ غير رجسٽرڊ ڊيلر جي دوڪان کي سيل ڪري ڇڏيو آهي

بقايا سنڌيار 23

جو اظهار ڪندي چيو ته هر سال جيان هن سال به رت جي عطيي جي ڪئمپ لڳائي رهيا آهيون هن ڪئمپ جو مقصد ٿيليسيميا، ڊائلاسز توڙي ٻين بيمارين ۾ متاثر غريب مريضن جي مدد ڪرڻ آهي هن چيو ته هن ڪار خير ۾ هر ڪو پنهنجو حصو ضرور وجهي چوته توهان جو ڏنل رت متاثر ٻارن جي جياپي جو ذريعو آهي الله جي راهه ۾ اگر مال ڏيندا ته مال وڌندو اگر خون ڏيندا ته ڪريم رب توهان کي صحتمند زندگيءَ عطا ڪندو،ان موقعي تي سماجي اڳواڻ اعجاز ممنائي ۽ انچارج غلام اڪبر ناريجو چيو ته هڪ صحتمند انسان هر ٽن مهينن کان پوءِ رت جو عطيو ڏئي سگهي ٿو رت ڏيڻ سان توهان جي جسم کي نئون ۽ تازو رت ناهڻ جو موقعو ملي ٿو اڳواڻن چيو ته سال ۾ ٻه دفعا رت ڏيڻ سان رت جو ڪينسر، دل جون بيماريون ۽ فالج وغيره ٿڻ جا امڪانات 88 سڪڙو گهٽ ٿي وڃن ٿا، اسان جي جسم ۾ رت جي زندگي 120 ڏينهن آهي ته چوته اسان اهو رت ضايع ٿيڻ کان بچايون ۽ زندگين لاءِ عطيو ڏيون.اسان جو ايمان آهي ته "جنهن هڪ زندگي بچائي ڄڻ ان پوري انسانيت کي بچايو"

بقايا سنڌيار 24

جي مليريا مان جان آجي ٿي سگهي هر مهيني لکين رپين جي بجيٽ ڪرپشن جي ور چڙهي ٿي وڃي هتي من پسند ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ ٽائون انتظاميا پنهنجو زور لڳائي اڳ کان اڳيري آهي هتي مين روڊ تان گند صاف ڪرڻ لاءِ ٽريڪٽر استعمال ڪري رهيا آهن عوامي ڏباءُ ۽ خبرون شايع ٿيل تي سنڌن ڪم ڪرڻ ۾ تيزي نظر اچي ٿي. اسان مطالبو ٿا ڪريون ته ٽائون ڪاميٽي انتظاميا بنا فرق جي پنهنجو فرض سمجهي صفائي سٿرائي جو عمل جاري رکي.

بقايا سنڌيار 25

اميدوارن کي ميرٽ تي ڀرتي ڪرڻ ڪانپوءِ جناب آءِ جي صاحب سنڌ پوليس جي منظوري ڪانپوءِ ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار صاحب پوليس ڪانسٽيبل جا آرڊر جاري ڪري ڇڏيا آهن ان سلسلي ۾ ايس ايس پي دادو آفيس ۾ آرڊر ورهائڻ واري تقريب ڪرائي وئي، جنهن ۾ ايس ايس پي دادو پاران سمورن اهل مرد ۽ عورت اميدوارن کي آرڊر ڏنا ويا ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار سمورن ڀرتي ٿيل اميدوارن کي مقرري جا آرڊر ڏنا ۽ سندن حوصلا افزائي ڪئي، ڪين مبارڪباد ڏني ۽ ڪين ڪاتي جو حصو بڻجڻ تي پليڪار چيو ۽ سندن محنت ۽ ايمانداري سان وڌيڪ ڪاميابين لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو آرڊر حاصل ڪندڙ نوجوانن ۾ اڪثريت غريب ۽ بيروزگار نوجوانن جي آهي جن جي ميرٽ تي ڀرتي ٿيڻ تي خوشي جو اظهار ڪندي ايس ايس پي دادو جو شڪرو ادا ڪيو جنهن ان سلسلي ۾ رهنمائي ۽ سهڪار فراهم ڪيو

بقايا سنڌيار 26

ڊائريڪٽر اينيمل هسبنڊري سنڌ حيدرآباد ڊاڪٽر حزب الله ڀٽوجي حڪم ڪانپوءِ ڊپٽي ڊائريڪٽر سکر ڊاڪٽر پير بخش لغاري ٻوري ضلعي ۾ مختلف ٽيمون جوڙي جانورن ۾ مهاڙي جهڙي موذي مرض کان وڪسين ۽ جيري قلڙن ۽ آندي ۾ جيتن کي ختم ڪرڻ لاءِ پيٽ جون دوائون پيارڻ جو ڪم شروع ڪرايو ويو ان ڏس ۾ تعلقي صالح پٽ ۾ ڊاڪٽر عبدالفتاح چوهاڻ ڊاڪٽر نور حسن گڏائي سان گڏ ماهر ٽيڪنيڪل اسٽاف عبدالغفار عمران حسين منگي شوڪت ڪوسو ۽ عبدالله نڪرانو صالح پٽ ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن ۾ 3491 جانورن کي ايف ايم ڊي وڪسين ڪئي جڏهن ته 5670 جانورن کي پيٽ جي ڪيڙن کان مختلف دوا پياري هوڏانهن فوڪل پرسن ۽ اسٽور انچارج ڊاڪٽر رفيق احمد گلال ضلعي سکر ۾ ڪم ڪندڙ مختلف ٽيمن جي ڪم جي جاچ ڪئي ۽ فيلڊ ۾ ڪم ڪندڙ ٽيمن کي وڪسين ۽ پيٽ جي پيارڻ وارين دوائون پهچايون ان سان گڏ ايڊيشنل ڊائريڪٽر سکر ڊاڪٽر عطاءُ الله ڊائلٽ ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته اسان جو ڪاتي ۾ مالدارن جي چڱ ڀلائي لاءِ ڪافي براجيڪٽن تي ڪم هلي پيو جيئن اسانجي صوبي سنڌ جا پاڳيا پنهنجي گهريلوءِ ڪمرشل جانورن جي پالنا ڪن هن چيو ته جانورن جي سٺي پالنا هوندي ته اسان جو صوبو سنڌ ۽ اسانجو ملڪ پاڪستان کير ۽ گوشت جي پيداوار ۾ اڳتي ايندو ان سان گڏ خوشحالي ايندي

بقايا سنڌيار 27

مقبول باقر پاران ٻه هفتا اڳ خيرپور ميڊيڪل ڪاليج ٽيچنگ سول اسپتال خيرپور جو دورو ڪري صحت جي سهولتن جو جائزو ورتو ۽ خيرپور ميڊيڪل ڪاليج انتظاميان جي نااهلي ۽ انتظاميان جي ڪوٽ ،صفائي سٿرائي نه ٿيڻ، مريضن کي معياري کاڌو فراهم نه ٿيڻ تي ناراضگيءَ جو اظهار ڪندي سول اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر عبدالقادر ڀٽو کي بدلي ڪري نئون ايم ايس ڊاڪٽر محمد سرور آرائين کي مقرر ڪير ،جڏهن ته ڪاليج سائيڊن جي ذميوارين ۾ ڪوتاهي هجڻ تي ڪي ايم سي جي ايڊمنسٽريٽر ڊاڪٽر عبدالحيٰ قلپوٽو کي نگران وڏي وزير معطل ڪري سول اسپتال انتظاميان جي ڪوتاهين بابت سي ايم انسپيڪشن ٽيم ۽ ضلعي انتظاميان خيرپور کي ڊار ڊار انڪوئري رپورٽ پيش ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون هيون. هن سلسلي ۾ خيرپور جي سماجي اڳواڻ ايڊوڪيٽ قربان علي ناريجو، سماجي اڳواڻ شاهنواز، علي ڏنو اڃڻ ۽ ٻين ميڊيا کي ٻڌايو ته ڊاڪٽر عبدالحيٰ قلپوٽو مختلف مدن ۾ رکيل بجيٽ کي جعلي بلن ذريعي ڪرپشن جي نظر ڪري ڪي ايم سي کي ڪوڪلو بڻائي ڇڏيو آهي، هنن چيو ته ڪي ايم سي جي پرنسپال ڊاڪٽر رخسار شاهاڻي نگران وڏي وزير جي حڪمن کي رد ڪري ڇڏيو آهي. ڊاڪٽر عبدالحيٰ جي معطل ٿيڻ باوجود ڪيس غيرقانوني طور چارج حوالي ٿيل آهي، جنهن ڪري ڪو به نئون ايڊمنسٽريٽر مقرر ناهي ٿي سگهيو. هنن چيو ته جيڪڏهن ڪي ايم سي ۾ ڪرپشن بابت شفاف جاچ ڪئي وئي ته ڊاڪٽر عبدالحيٰ قلپوٽو، ڊاڪٽر رخسار شاهاڻي، بي آر او ڊي ايم لاشاري، جعلي آرڊر تي ڪي ايم سي ۾ ويٺل ڪرپشن جو ماهر اڪائونٽنٽ عبدالرحمان ڀٽو ،سيل پرچيزنگ عملو ۽ ٻيا قانون جي گرفت ۾ هوندا ۽ جيل حوالي ٿي ويندا. ٻئي طرف سرڪاري ذريعن دعويٰ ڪئي آهي ته ڪي ايم سي ۾ پاس ٿيل جعلي بلن جي جاچ بابت سي ايم انسپيڪشن ٽيم ۽ ضلعي انتظاميان ڊار ڊار ڪرپٽ عملدارن جو گهيرو تنگ ڪري ڇڏيو آهي. جنهن ڪانپوءِ ڪرپشن ۾ ملوث ڪي ايم سي جي عملدارن جون ننڊون حرام ٿي ويون آهن، هن سلسلي ۾ خيرپور جي سجاڻ ڌرين نگران وزيراعليٰ سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪي ايم سي ۾ ايماندار ايڊمنسٽريٽر کي مقرر ڪري ڪي ايم سي ۾ ٿيل ڪرپشن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي.

بقايا سنڌيار 28

ڪيو ويو هيو جنهن بعد اسان ان جي قتل جي ايف آءِ آر ڪوٽڏيجي ٿاڻي تي ڪرائي هئي جن ڪي هتان جي بااثر مريد رڏ موج رڏ نيازرڏ ۽ ٻين قتل ڪيو هو. گذريل رات هنن هڪ براسو ڪندي پنهنجي گهر کي باهه ڏئي ۽ هڪ عورت کي گولي هڻي اسان مٿان ڪوڙو ڪيس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن ۾ ڪا به صداقت ناهي رڏ برادري، اهو سڀ ڪجهه ان ڪري ٿو ڪيو وڃي جيئن اسان ڪيس تان هٿ ڪڻون ۽ هنن سان راجوڻي ڪرڻ لاءِ اسان کي حراسان ڪيو پيو وڃي مظاهرين ڪيس هاڻ فائنل تي آهي ان ڪري اسان جي لاءِ هو نوان نوان هٿ ٺوڪيا پلان ٺاهي اسان کي ڦاسائڻ جي ڪوشش پيا ڪن اسان جي گهرن مٿان حملا اسان کي ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن. ايس ايس پي خيرپور معاملي جي شفاف جاچ ڪري اسان سان انصاف ڪري اسان کي انهن مان خطرو آهي ۽ اسان ڪنهن به صورت ان ڪيس تان هٿ نه ڪنداسين.

بقايا سنڌيار 29

وڌائي ڇڏيا جڏهن ته ان ڏس ۾ وڏا واپاري هول سيلر به پوئتي نه رهيا گهي جي ڪارٽن تي هڪ ڏينهن ۾ 400 روپيا وڌائي ڇڏيا 5300 سو روپيا ڪارٽن ريٽ هو جنهن کي وڏي واپارين هڪ ڏينهن ۾ ريٽ وڌائي 5700 سو روپيا ڪارٽن ريٽ ڪري ڇڏيو اٽو مارڪيٽ ۾ گورنمنٽ ريٽ جي بدران 150 روپيا ڪلو وڪرو

پاڪستان هن وقت معاشي طرح ڪمزور ٿي رهيو آهي : آصف علي زرداري

اسان عمران کي ان ڪري نه هٽايو ته اسان کي پاور گهرجي، اسان کي ملڪ جي ترقي گهرجي ان ڪان ملڪ جي ترقي نه ٿي

رڳو افسوس نه هجڻ گهرجي عملي ڪم هجي، فلسطين ۾ ظلم ٿي رهيو آهي، اسان سڀ ڪجهه ڪري سگهون ٿا

اسان سمنڊ مان اربين روپيه ڪمائي سگهون ٿا، اسين هميشه عوام جي نوڪري ڪئي آهي. پاڪ خدمت قبول ڪندو

خانپورمهر(رپورٽ: آفتاب سيال) اڳوڻي صدر آصف علي زرداري خانڳڙهه ۾ علي گوهر خان مهر جي دعوت تي خانڳڙهه پهتو، مهر پاڙن طرفان شاندار استقبال ڪيو ويو،آصف علي زرداري هيليڪاپٽر ذريعي خانڳڙهه جي گوهر پيلس پهتو ،مهر پاڙن علي گوهر خان مهر ،محمد بخش خان مهر،علي نواز عرف راجا خان مهر ،حاجي خان مهر ،احمد علي خان مهر ۽ ٻين پاران آصف علي زرداري جو استقبال ڪيو. جلسي ۾ پيپلزپارٽي قيادت جا اهم اڳواڻ جن ۾ اڳوڻو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه، خورشيد شاهه، قائم علي شاهه،شرجيل انعام ميمڻ، منظور حسين وساڻ، ناصر شاهه، عاجز ڌامراهه، آغا سراج دراني،سعيد غني، نثار کهڙو، عبدالباري پتافي، خالد احمد خان لنڊ، بابر علي لنڊ، احسان سندراڻي، شهريار شر ،مڪيش چاولا،نادر مگسي ۽ ٻيا پارٽي قيادت جا اهم اڳواڻ پهتا، سردار محمد بخش خان مهر، غوث بخش خان مهر،مير خالد احمد خان لنڊ، مير بابر خان لنڊ ،چاڪر خان بوزدار ۽ ٻين شرڪت ڪئي، جڏهن ته گوهر پيلس اندر منعقد ڪيل جلسي ۾ مختلف برادرين جي سردارن، چڱن مڙسن ۽ پ پ پ ڪارڪنن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي جلسي کي خطاب ڪندي آصف علي زرداري جو چوڻ هو ته اسان عمران کي ان ڪري نه هٽايو ته اسان کي پاور گهرجي، اسان کي ملڪ جي ترقي گهرجي ان ڪان ملڪ جي ترقي نه ٿي، آصف علي زرداري چيو ته لوئر سنڌ ۾ لائيننگ ڪرائي ڇڏي آهي، تمام جلد روهڙي ڪينال ۾ لائيننگ ڪرائينداسين، رڳو افسوس نه هجڻ گهرجي عملي ڪم هجي، فلسطين ۾ ظلم ٿي رهيو آهي افسوس جو اسان اهو ناهيون ڪري سگهيا جيڪو ڪرڻ گهرجي، اسان سڀ ڪجهه ڪري سگهون ٿا، اسان سمنڊ مان اربين روپيه ڪمائي سگهون ٿا، اسين هميشه عوام جي نوڪري ڪئي آهي. پاڪ خدمت قبول ڪندو، آصف زرداري چيو ته دنيا ۾ مسلمانن سان ڇا ٿي رهيو هو اسان مذمت ڪئي، پاڪستان هن وقت معاشي طرح ڪمزور ٿي رهيو آهي، اسين جڏهن ڳالهه ڪئي آهي اها ملڪ جي مفاد ۾ ڪئي آهي، ان موقعي تي علي گوهر خان مهر جو چوڻ هو ته آصف علي زرداري سميت تمام قيادت جو شڪر گذار جيڪي هتي آيا، هن چيو ته آصف علي زرداري جي اچڻ سان گهوٽڪي ضلعو پيپلزپارٽي پارٽي جو ٿي ويو آهي، گهوٽڪي ضلعي جا مسئلا گهڻا آهن جيڪي اليڪشن ڪانپوءِ حل ڪرايا ويندا،هوڏانهن اڳوڻي صدر آصف علي زرداري جي آمد جي موقعي تي سڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا هئا، آصف علي زرداري جلسي کي خطاب ۽ ماڻجهاندو ڪرڻ ڪانپوءِ روانو ٿي ويو

تيڻ لڳو جڏهن ٻيون کاڌي پيتي جي شين ۾ پڻ دڪاندار پنهنجي من پسند ريٽ تي وڪرو ڪرڻ لڳا عام ماڻهون پريشان هتان جي مزدور طبقي اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽ غلام محمد ڊي سي ميرپورخاص ڪمشنر سميت نگران حڪومت کان اپيل ڪئي ته عام غريب عوام کي رليف ڏياريو وڃي منافا خورن خلاف سخت قدم کنيا وڃن.

بقايا سنڌيار 30

آغا شير زمان جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڏهرڪي امتياز محسن من پسند اگهه تحت پاڻ وڪري بابت شڪايتن تي ڊيلرن بترا فرٽيلائزر، لعل چند، سريش ڪمار، سنجي ڪمار ۽ سريش فرٽيلائزر مٿان مجموعي طور 95 هزار روپيا ڏنڊ لاڳو ڪري ڇڏيو آهي، ان سلسلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر جو چوڻ آهي ته ڊپٽي ڪمشنر جي هدايتن تحت ڪارروائين جو سلسلو جاري رهندو، ڪنهن کي به پاڻ ذخيرو ڪرڻ يا بليڪ مارڪيٽنگ جي اجازت نه ڏبي

بقايا سنڌيار 31

جعفري،عطاالله ڀٽو، قمرالزمان ڏنور ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پوليس شهيد مير مرتضي ڀٽو سميت ڪنهن به شهيد جي قاتلن کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي، ڀٽوخاندان جو هڪ به قاتل گرفتار نه ٿي سگهيو آهي هن وقت به سموري سنڌ ۾ پ پ شهيد ڀٽوجي ڪارڪنن کي قتل ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ، بي گناهه گرفتار ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي، پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو جي ڪارڪنن مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن ۽ ڪيئي گم ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي جنهن جو اعليٰ اختيارين نوٽيس ناهي ورتو، ڪجهه سال اڳ ڪراچي ۾ بي گناهه قتل ٿيل شهيد ڀٽوجي مرڪزي اڳواڻ اسد عمراڻي جا قاتل به گرفتار نه ڪيا ويا آهن جيڪا سنڌ حڪومت جي ناڪامي جو واضع ثبوت آهي، هنن چيف جسٽس آف پاڪستان، آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته پ پ شهيد ڀٽو جي ڪارڪنن مٿان ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن نه ته ٻي صورت تحريڪ جو آغاز ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 32

آڏو ڏانهيندي چيو ته سندس تعلقي بلڙي شاهه ڪريم ۾ الوڪاتيار جي ديهه ڪناڏائي ۾ سندس ٻارهن ايڪڙن کان وڌيڪ زمين سندس نالي تي آهي، جنهن تي سندس ڀائرن غلام رسول ولد جعفر مهندو، محمد قاسم ولد جعفر مهندو ۽ ڀائيٽيو غلام مرتضيٰ ولد محمد موسيٰ مهندو، محمد ابراهيم ولد موسيٰ مهندو شامل آهن. ڪيترن ئي سالن کان قبضو ڪري رهيا آهن، هن وس وارن ۽ ڀرپاسي جي سياسي ۽ سماجي شخصيتن جي در تي وڃي انصاف جي اپيل ڪئي پر هنن هڪ به نه ٻڌي ۽ پنهنجا حق گهرڻ تي ڪيس مارڻ ۽ معصوم ٻارڙن کي اغوا ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون.هن وڌيڪ چيو ته هن پنهنجي سروي واري زمين تي حبيب بئنڪ کان لکين روپين جو قرض ورتو آهي ۽ هن زمين مان لکين روپين جي آمدنيءَ جو قرض به جمع نه ڪرايو آهي، جنهن ڪري بئنڪ مسلسل منهنجي نالي تي نوٽيس جاري ڪري رهي آهي ۽ ٻچا ڳچا ڪري رهي آهي.پنهنجو حق گهرڻ لاءِ مونکي موت مار ۽ سندس ٻارن کي اغوا ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن هن چيو ته هنن سندس مال، ڊور، ٽريڪٽر ۽ ٻيو سامان ضبط ڪري ڪيس بيدخل ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ڪري ٻارڙا ذهني مرض جو شڪار ٿي ويا آهن هن ضلعي سيشن جج، سول جج ٽنڊو محمد خان، ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان، ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ۽ اعليٰ آفيسرن کي ڏکوئيندڙ اپيل ڪندي چيو ته سندس سروي واري زمين ۽ ٻيو سامان سندس حوالي ڪيو وڃي، ۽ مونکي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ ساڻس انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 33

بدران ڪتابن جي 60 سيڪڙو ڪوٽ ڏيکاري گودامن ۾ رکي ڇڏيا ٿا وڃن. جنهن سبب هزارين درسي نصابي ڪتاب ٻارڙن کي نه ملڻ سبب ٽي اي او آفيس جي گودامن ۾ لڪائي رکيل هوندا آهن ، جنهن ڪري ٻارڙن جي تعليم سخت متاثر ٿئي ٿي. گذريل رات دير سان گولاڙچي جي ٽي اي او آفيس مان هزارين درسي ڪتاب جيڪي ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ڀري رات پيٽ ۾ چڪ نمبر 45 ۾ سم نالي ۾ دفن ڪري ڇڏيا، درسي ڪتابن ۾ ٻهرين ڪلاس کان انهين ڪلاس تائين جا ڪتاب شامل. جن ۾ اسلاميات، آسان اردو، سنڌي، رياضي، سماجي اڀياس، سائنس، انگريزي، سميت ٻيا ديني ڪتاب رات پيٽ ۾ پاڻي ۾ ٻوڙي مٿان گاهه مٽي لڳائي دفن ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. درسي ڪتابن کي دفن ڪرڻ دوران ڪيترائي درسي ڪتاب ايندڙ ويندڙ ماڻهن ڪتا ڀري ڀرپاسي جي دڪانن ۽ ڪئبنن تي پڻ وڪرو ڪيا ويا آهن. اهڙو اطلاع ملڻ تي ڊسيل هنڊ تي پهچي ڏٺو ويو تي گذريل سال جا درسي ڪتاب پڻ هزارن جي تعداد ۾ نظر آيا جيڪي پاڻي ۽ مٽيءَ ۾ دفن ڪرڻ سبب خراب ٿي چڪا هئا. معلوم ڪري تي پتو پيو ته گذريل رات ٽي اي او آفيس گولاڙچي سان ٽريڪٽر ٽرالي درسي ڪتابن سان ڀرجي آئي هئي جنهن کي هتي نڪائي لڳائڻ لاءِ دفن ڪيو ويو آهي. هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي ٽي اي او گولاڙچي اياز ميمڻ ڀهريان ڪتابن جي ضايع ڪرڻ کان انڪار ڪندي چيو مون کي خبر ناهي، مون کي چارج رٺندي اڃان 15 ڏينهن مس گذريا آهن. ٽي اي او آفيس گولاڙچي ۾ موجوده مين پرائمري اسڪول جي هيڊ ماسٽر فرمان علي شاهه چيو ته ڪتاب ايڪسپائر ٿيل هئا جن کي شريعت موجب دفن ڪيا ويا آهن . واضح رهي ته درسي ڪتابن ۾ 2022/2021 جا پڻ وڏي تعداد ۾ ڪتاب دفن ڪري لوڙهي ڇڏيا ويا آهن. هتان جي ساجاهه وند ڌرين پاران ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو آهي. هن گهرڪئي تعليم کاتي جي سنگين انتظامي لاپرواهي جو سخت نوٽيس ورتو وڃي.

بقايا سنڌيار 34

صفدر بوهيو شاهنواز ٽگر شمشير فرمان نرل پڻ ڪري رهيا هئا نويد وڌيڪ ٻڌايو ته سال اڳ اسان محبت ڪوسر کان زمين خريد ڪئي هئي جنهن تان اصغر ڪوسو اڪبر ڪوسو رياض ڪوسو ۽ ان جا پاٿرجون ٿا زمين اسان کي ڏي زمين نه ڏيڻ تان مون مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي ٽارچر ڪري رهيا آهن جيئن ته مان يونيورسٽي جو

شاگرد آهيان تعليم متاثر ٿي چڪي آهي منهنجو مطالبو آهي آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهرو فيروز ته مون مٿان ڪوڙا ڪيس ختم ڪري انصاف ڪيو وڃي جيئن مان پنهنجي پڙهائي ڪري سگهان اگر مونسان انصاف نه ٿيو ته ايس ايس پي آفيس اڳيان احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 35

پريا ڪماري رهائي ڪميٽي جوڙي جدوجهد جاري رکڻ جو عزم ورجايو ويو آهي 28 مهينن کان سکر جي علائقي سنگرار مان اغوا ڪيل معصوم نياڻي پريا ڪماري، 2015 کان سکر جي ايوب گيٽ وٽان اغوا ڪيل معصوم اصغر منگريو، خيرپور مان اغوا ڪيل مزدور اسلام سومرو ، محراب پور مان اغوا ڪيل علي حسن ميمڻ، پنوعاقل مان اغوا پورهيت واجد بڙدي ۽ ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ، راٺيپور کان سکر پريس ڪلب تائين پيادل مارچ ڪانپوءِ احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري رات ڏينهن وارو جاري احتجاج 35 ڏينهن به جاري رکندي سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪئمپ تي مغوين جي بازيابي لاءِ سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ ڊاڪٽر نذير ڪوڪر،مخدوم بلاول،عطا محمد ڀٽو، محمد اعظم منگريو ۽ ٻين چيو ته اسان مغوين جي بازيابي لاءِ لاڳيتو احتجاجي سلسلو شروع ڪيو آهي جنهن کي هڪ مهينو 33 ڏينهن ٿيا آهن پر ڪنهن به حڪومتي اداري نوٽيس ناهي ورتو اڄ کان سنڌ جي سمورن اغوا ڪيل ۽ گم ڪيل قومي ڪارڪنن جي واپسيءَ لاءِ جدوجهد کي وڌيڪ وسعت ڏيڻ لاءِ پريا ڪماري رهائي ڪميٽي جو بنياد وڌو ويو آهي اسان سپريم ڪورٽ ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس صاحبان کي عرض آهي ته سکر مان پريا ڪماري گم آهي معصوم علي اصغر منگريو، واجد بڙدي، خيرپور مان اسلام الدين سومرو، محراب پور مان علي حسن ميمڻ سميت سنڌ مان سمورن اغوا ڪيلن ۽ گم ڪيل بازيابي لاءِ نوٽيس وٺي قيد مان نجات ڏيارين. ان موقعي تي يڪجهتي طور ايڊوڪيٽ فياض

خميساڻي، اربيلو ابڙو، محمد سليمان سومرو شرڪت ڪري احتجاجي تحريڪ جي حمايت ڪئي ۽ حڪومت کان مغوين جي بازيابي جو مطالبو ڪيو پاران جاري احتجاج کي پريا ڪماري رهائي ڪميٽي جوڙي جدوجهد جاري رکڻ جو عزم ورجايو ويو آهي 28 مهينن کان سکر جي علائقي سنگرار مان اغوا ڪيل معصوم نياڻي پريا ڪماري، 2015 کان سکر جي ايوب گيٽ وٽان اغوا ڪيل معصوم اصغر منگريو، خيرپور مان اغوا ڪيل مزدور اسلام سومرو ، محراب پور مان اغوا ڪيل علي حسن ميمڻ، پنوعاقل مان اغوا پورهيت واجد بڙدي ۽ ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ، راٺيپور کان سکر پريس ڪلب تائين پيادل مارچ ڪانپوءِ احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري رات ڏينهن وارو جاري احتجاج 35 ڏينهن به جاري رکندي سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪئمپ تي مغوين جي بازيابي لاءِ، سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ ڊاڪٽر نذير ڪوڪر،مخدوم بلاول،عطا محمد ڀٽو، محمد اعظم منگريو ۽ ٻين چيو ته اسان مغوين جي بازيابي لاءِ، لاڳيتو احتجاجي سلسلو شروع ڪيو آهي جنهن کي هڪ مهينو 33 ڏينهن ٿيا آهن پر ڪنهن به حڪومتي اداري نوٽيس ناهي ورتو اڄ کان سنڌ جي سمورن اغوا ڪيل ۽ گم ڪيل قومي ڪارڪنن جي واپسيءَ لاءِ جدوجهد کي وڌيڪ وسعت ڏيڻ لاءِ پريا ڪماري رهائي ڪميٽي جو بنياد وڌو ويو آهي اسان سپريم ڪورٽ ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس صاحبان کي عرض آهي ته سکر مان پريا ڪماري گم آهي معصوم علي اصغر منگريو، واجد بڙدي، خيرپور مان اسلام الدين سومرو، محراب پور مان علي حسن ميمڻ سميت سنڌ مان سمورن اغوا ڪيلن ۽ گم ڪيل بازيابي لاءِ، نوٽيس وٺي قيد مان نجات ڏيارين. ان موقعي تي يڪجهتي طور ايڊوڪيٽ فياض خميساڻي، اربيلو ابڙو، محمد سليمان سومرو شرڪت ڪري احتجاجي تحريڪ جي حمايت ڪئي ۽ حڪومت کان مغوين جي بازيابي جو مطالبو ڪيو

حڪومت سنڌ
آفيس آف دي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر
سنڌ فلڊ ايمرجنسي
ريهبليٽيشن پروجيڪٽ
(SFERP_P & DD ڪمپونينٽ)
پلاٽ نمبر 1، بلاڪ 3، ڪي ڊي اي اسڪيم 5،
ڪلفٽن، ڪراچي، پاڪستان
تاريخ: 07 نومبر، 2023ع

تصحيح

سيپٽمبر 2023 جي آخري هفتي ۾ قومي ۽ مقامي اخبارن ۾ شايع ٿيل اشتهار نمبر INF/KRY/4106/23 جا هيٺيان پيرا هن ريت پڙهيا ويندا:
پيرا_2 کي هيٺين ريت پڙهيو ويندو.

ايس/ اين	ڪم جي تفصيل	واڪ جمع ڪرائڻ	واڪ کولڻ
(i)	پيڪيج_1_4:_ Ref: PK_P&D Gos_350737_CW_RFB ڊسٽرڪٽ شهيد بينظير آباد جي ٻوڏ متاثر روڊن جي ريهبليٽيشن	2311.2023 11:00 pm	23.11.2023 11:15 am
(ii)	پيڪيج_1_6:_ Ref: PK_P&D Gos_350754_CW_RFB ڊسٽرڪٽ خيرپور جي ٻوڏ متاثر روڊن جي ريهبليٽيشن		23.11.2023 12:00 pm
(iii)	پيڪيج_7:_ Ref: PK_P&D Gos_350744_CW_RFB ڊسٽرڪٽ (i) حيدرآباد، (ii) مٽياري، (iii) ٽنڊو الهيار جي ٻوڏ متاثر روڊن جي ريهبليٽيشن		16.11.2023 12:45 pm
(iv)	پيڪيج_13:_ Ref: PK_P&D Gos_350741_CW_RFB ڊسٽرڪٽ ٺٽي جي ٻوڏ متاثر روڊن جي ريهبليٽيشن		23.11.2023 1:30 pm
(v)	پيڪيج_1_8:_ Ref: PK_P&D Gos_350792_CW_RFB ڊسٽرڪٽ ٿرپارڪر جي ٻوڏ متاثر روڊن جي ريهبليٽيشن		23.11.2023 2:15 pm
(vi)	پيڪيج_14:_ Ref: PK_P&D Gos_350755_CW_RFB لاٽ_I: ڊسٽرڪٽ سجاول جي ٻوڏ متاثر روڊن جي ريهبليٽيشن لاٽ_II: ڊسٽرڪٽ بدين جي ٻوڏ متاثر روڊن جي ريهبليٽيشن		23.11.2023 3:00 pm
(vii)	پيڪيج_1_15:_ Ref: PK_P&D Gos_350740_CW_RFB ڊسٽرڪٽ عمرڪوٽ جي ٻوڏ متاثر روڊن جي ريهبليٽيشن		23.11.2023 3:45 pm

اشتهار جو پيرا 7 هن ريت پڙهيو ويندو:
بوليون 23 نومبر 2023 تي يا ان کان اڳ 11:00 وڳي تي هيٺ ڏنل ايڊريس تي پهچائڻ گهرجن. اليڪٽرانڪ بڊنگ جي اجازت نه هوندي. دير سان داخل ڪيل درخواستون رد ڪيون وينديون. بولي ڏيندڙ جي مقرر ڪيل نمائندن ۽ هر ڪنهن جي موجودگي ۾ عام طور تي کوليا ويندا جيڪي 23 نومبر 2023 تي هيٺ ڏنل ايڊريس تي شرڪت ڪرڻ جو انتخاب ڪندا. مٿي ڏنل پيرا_2 تحت هر پيڪيج جي خلاف بيان ڪيل وقت تي.
اشتهار جو پيرا_8 هيٺين ريت پڙهبو:
بولي ڏيندڙ کي ڪنهن به شيڊول بئنڪ آف پاڪستان مان جاري ڪيل غير مشروط بئنڪ گارنٽي جي صورت ۾ ڪل بولي جي رقم جو 02% تي بڊ سيڪيورٽي جمع ڪرائڻي هوندي. بڊ سيڪيورٽي کان سواءِ وصول ٿيل بل رد ڪيا ويندا.
اشتهار نمبر INF/KRY/4106/23 جون ٻيون سڀئي شرطون/مواد تبديل نه ٿيندا.
پروجيڪٽ ڊائريڪٽر
سنڌ فلڊ ايمرجنسي بحالي پروجيڪٽ (SFERP)
0092-21-99332530
پلاٽ 1، بلاڪ 3، ڪي ڊي اي اسڪيم 5، ڪلفٽن ڪراچي، پاڪستان
ڪراچي، پاڪستان
ويب: https://sferp.gos.pk

پڙهندي سنڌ ته .... وڌندي سنڌ
INF/KRY#4364/23